ABC CERTIFIED
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492 - Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 04 جنوري 2026ع 14 رجب المرجب 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (142)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

دهشتگرد سرگرمين ۾ ڀارت جي ملوث هجڻ ۽ انهن جي سهولتڪاري جا ثبوت موجود آهن: پاڪستان

پاڪستان، ڀارت جي ڀڙڪائيندڙ بيانن ۽ ڀارت جي غير ذميوارانه رويي کي سختيءَ سان رد ڪري ٿو. ڀارت هڪ ڀيرو ٻيهر خطي ۾ عدم استحڪام ۽ دهشتگرديءَ کي هٿي ڏيڻ ۾ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

پاڪستان ڀارت جي ڀڙڪائيندڙ ۽ غير ذميوارانه الزامن کي سختيءَ سان رد ڪري ٿو ته هو سرحد پار قتل، ٻاهرين عنصرن ذريعي دهشتگردي ڪارروائين ۽ دهشتگردي ٽيم ورڪس ۾ ملوث رهيو آهي

اهو عمل هندو انتهاپسندي سوچ ۽ ان جي نظرئي سان هڪجهڙائي رکي ٿو. ڀارت لڳاتار جموں ڪشمير تي پنهنجو غيرقانوني ۽ پرتشدد فوجي قبضو برقرار رکيو آهي

پاڪستان ڪشميري عوام جي جائز جدوجهد ۽ ڪشمير تنازعي جي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن مطابق حل لاءِ اخلاقي، سفارتي ۽ سياسي حمايت جاري رکندو

سنڌ طاس معاهدو هڪ عالمي معاهدو آهي جنهن کي هڪ طرفي طور معطل نٿو ڪري سگهجي. ڀارت جي ان عمل سان علائقائي استحڪام کي نقصان پهچندو: طاهر اندرابي

اسلام آباد (اي پي پي) ترجمان دفتر خارجه طاهر حسين اندرابي پريس بريفنگ ۾ ... بقايا نمبر 23 ڪالم 2

پاڪستان ايئر فورس پاران مقامي طور تيار ڪيل تيمور ويپن سسٽم جو ڪامياب تجربو

اهو ڪامياب تجربو قومي ايرو اسپيس ۽ دفاعي صلاحيتن جي ترقي ۾ هڪ اهم سنگ ميل آهي

تيمور ايئر لانچڊ ڪروز ميزائل دشمن جي زميني ۽ سامونڊي هدفن کي 600 ڪلوميٽرن جي رينج تي نشانو بڻائي سگهي ٿو

ڪامياب فلائيٽ ٽيسٽ پاڪستان جي دفاعي صلاحيت جي پختگي، جدت ۽ پائيدار قومي ترقي جي عڪاسي ڪري ٿو: آءِ ايس پي آر

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ايئر فورس ... تيمور ويپن سسٽم جو ڪامياب تجربو ڪيو آهي ... بقايا نمبر 25 ڪالم 2

پاڪستان ايئر فورس پاران مقامي طور تيار ڪيل تيمور ويپن سسٽم جو ڪامياب تجربو

ملا ميوائل رياست آرڪوا ۽ لاگوئيرا ۾ ريا... آمريڪي حملن جو مقصد ملڪ جي تيل ۽ معدني وسيلن تي قبضو ڪرڻ آهي

ڪراڪس (اي پي پي) وينزويلا جي ... بقايا نمبر 26 ڪالم 2

گڏيل عرب امارات يمن مان سمورا فوجي جٿا مڪمل طور واپس گهرائي ورتا

ابوظهبي (اي پي پي) گڏيل عرب امارات ... بقايا نمبر 27 ڪالم 2

آمريڪا وينزويلا جي تيل ۽ معدنيات تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو پر انهي ۾ هو ناڪام ويندو: وينزويلا جو صدر

آمريڪا جا وينزويلا تي حملا، ڪيئي فوجي، شهري ۽ سرڪاري عملدار مارجي ويا، صدر زال سميت گرفتار

صدر ڊونالڊ ٽرمپ وينزويلا تي حملن جو حڪم ڏئي چڪو هو. گاراڪاس ۾ گهٽ ۾ گهٽ 7 زوردار ڌماڪا ٻڌا ويا. شهرين هيلي ڪاپٽرن ۽ آمريڪي فوج هيلي ڪاپٽر سي ايڇ 47 چينوڪ کي ٻاهر ڏٺو

آمريڪي ڪمانڊرن جي حوالي سان جنگ جا شڪ ظاهر ڪيا ويا. ڪيتريون ئي علائقن ۾ بجلي غائب ٿي وئي، آسمان تي دونهين، ٻڌايل گهرن ۽ عمارتن کي ڪارروائين سبب شهري خوف

آمريڪي حملي ۾ وينزويلا جي دفاعي وزير ولاديمير پيڊرينو لوپيز جي گهر کي نشانو بڻايو ويو، جڏهن ته ڪيترن عمارتن ۾ باهه لڳي وئي

وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو ۽ سندس زال کي گرفتار ڪري ملڪ مان ٻاهر منتقل ڪيو ويو: ٽرمپ

واشنگٽن/ڪراڪس (ايجنسيون) آمريڪا ... بقايا نمبر 1 ڪالم 2

وينزويلا: آمريڪي حملي کانپوءِ ڪراڪس ۾ دونهين جا ڪڪر، صدر نڪولس مادورو ۽ سندس زال

نائب صدر آمريڪا کان وينزويلا جي صدر ۽ سندس زال جي زنده هجڻ جا ثبوت گهري ورتا

وينزويلا جا ڪيئي فوجي، سرڪاري عملدار ۽ شهري مارجڻ جا اطلاع

حڪومت کي آخري اطلاعن تائين صدر نڪولس مادورو ۽ خاتون اول سيليا فلورس بابت ڪا ڄاڻ نه ملي سگهي

آمريڪي حملي ۾ سڄي ملڪ ۾ ڪيئي شهري، سرڪاري عملدار، فوجي ۽ شهرين جي مارجڻ جا اطلاع آهن: نائب صدر ڊيلسي روڊريگز

ڪراڪس (اي پي پي) ... بقايا نمبر 2 ڪالم 2

آمريڪي فوجي اڳرائي، وينزويلا جي دفاعي فوج متحرڪ، هنگامي حالتون لاڳو

وينزويلا جي حڪومت ڳالهين واري هنڌ ڪراڪس ۽ ٻين علائقن ۾ ٿيل ڪيترن ئي ڌماڪن جو الزام آمريڪا تي لڳائي ڇڏيو

ملا ميوائل رياست آرڪوا ۽ لاگوئيرا ۾ ريا. آمريڪي حملن جو مقصد ملڪ جي تيل ۽ معدني وسيلن تي قبضو ڪرڻ آهي

ڪراڪس (اي پي پي) ... بقايا نمبر 3 ڪالم 2

آمريڪي فوجي وينزويلا جي صدر ۽ سندس زال کي بيڊروم مان گهلي کڻي ويا

ڪراڪس (ڪ ر) ... بقايا نمبر 4 ڪالم 2

آمريڪا پهچڻ شهرين کي وينزويلا جو سفر ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

اهي هدايتون وينزويلا ۾ آمريڪي فوجي ڪارروائين جي ڏس ۾ جاري ڪيون ويون

ڪراڪس (اي پي پي) ... بقايا نمبر 6 ڪالم 2

اسپين جي وينزويلا بحران ۾ پرامن حل جي ثالثي جي آڇ

ملڪ ڇڏيندڙ هزارين وينزويلا جي شهرين کي پليڪار ڪيو آهي: اسپين

ملڪ لاءِ جمهوري ڳالهين ۽ پرامن حل جي ڳولا ۾ مدد لاءِ تيار آهيون

ميڊرڊ (اي پي پي) ... بقايا نمبر 5 ڪالم 2

برزل پاس ۾ برفاني چپ ڪرڻ سان ڪيپٽن ۽ سپاهي سميت 3 جٿا شهيد

برف هٽائڻ جي آپريشن دوران چپ ڪري، شهيدن ۾ ڪيپٽن اسعد، سپاهي رضوان ۽ مشين آپريٽر شهري عيسيٰ شامل

شهيد ٿيل 28 ورهين جي ڪيپٽن اسعد جو واسطو لاهور ۽ سپاهي رضوان جو واسطو اٽڪ سان هو: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ... بقايا نمبر 7 ڪالم 2

برزل پاس ۾ برفاني چپ ڪرڻ سبب شهيد ٿيل ڪيپٽن ۽ سپاهي جا فائل فوٽو

وقت سر انصاف ۽ قانوني شفافيت لاءِ قدمن کي يقيني بڻائينداسين: چيف جسٽس آف پاڪستان

چيف جسٽس آف پاڪستان جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس، اسٽرئيجڪ حڪمت عملي تي تفصيلي غور ويچار

اجلاس ۾ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب، سپريم ڪورٽ جو رجسٽرار، فيڊرل بورڊ آف ريوينيو جي چيئرمين ۽ ٻين شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ عرصي کان التوا ۾ پيل ٽيڪس ڪيسن جي حل لاءِ مضبوط ۽ مستقل فريم ورڪ جوڙڻ تي ڳالهه ٻولهه

اسلام آباد (اي پي پي) ... بقايا نمبر 28 ڪالم 2

اسرائيل غزه ۾ امدادي ڪم ڪندڙ اين جي اوز تي پابنديون ختم ڪري: گڏيل قومون

عالمي غيرسرڪاري تنظيمون زندگي بچائيندڙ انساني ڪمن لاءِ اهم آهن: انٽونيو گوتريس

نيو يارڪ (اي پي پي) ... بقايا نمبر 30 ڪالم 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جو بنگلاديش جي ساٺي وزير سان رابطو

ٻنهي اڳواڻن خطي جي تازي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) ... بقايا نمبر 29 ڪالم 2

سپريم ڪورٽ جي مستعفيٰ جج ڪي پينشن جي مد ۾ ڪروڙ رپيا ملڻ تي خواجا آصف جي تنقيد

اعليٰ عدليا جا استعيفيٰ ڏيندڙ جج 156 ڪان 161 ملين روپين جا فائدا وٺي گهر هليا ويا: وزير دفاع

جيڪڏهن ڪو سيڪريٽري استعيفيٰ ڏئي ٿو ته ان کي ريٽائرمينٽ جا فائدا ناهن ملندا، جيڪا ناانصافي آهي

ڇا 1980 جي ڏهاڪي ۾ ايس ايس استعفيٰ ڏيندڙ ججن کي فائدا ڏنا ويا، ادارن ۾ شفافيت ۽ انصاف هجڻ گهرجي

سيالڪوٽ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي وزير دفاع خواجا آصف ... بقايا نمبر 31 ڪالم 2

حيدرآباد: قدم گاهه مولا علي ۾ حضرت علي جي جشن ولادت جي موقعي تي ماڻهو گڏ ٿيل آهن

پاڪستان پاران يمن جي صدارتي قيادت ڪائونسل طرفان رياض ۾ جامع ڳالهين منعقد ڪرڻ جي اپيل جي آجيان

اسلام آباد (اي پي پي) ... بقايا نمبر 32 ڪالم 2

آءِ ايم ايف جون ڪارروايون، 63 لک روپين ڪان ودڪ ماليت جي 40.25 ڪلوگرام منشيات هٿ، 5 جوابدار گرفتار

اسلام آباد (اي پي پي) ... بقايا نمبر 33 ڪالم 2

پاڪستان خطي ۾ امن، استحڪام ۽ ترقي لاءِ ميانمار سان گڏجي ڪم ڪرڻ چاهي ٿو: صدر

گهڻ رخي اصولن جي بنياد تي گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ميانمار سان تعاون کي قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا

پاڪستان ۽ ميانمار رچ ۾ خوشگوار لاڳاپن جي هڪ ڊگهي تاريخ آهي جيڪا گڏيل احترام ۽ اعتماد تي قائم آهي

لاڳاپن ۾ مسلسل بهتري آئي آهي، دفاع، صحت، ثقافت ۽ عوامي رابطن سميت مختلف شعبن ۾ تعاون کي وڌائڻ جي ضرورت آهي

آسيان ۽ ميانمار جو ڪردار علائقائي استحڪام ۽ اقتصادي ترقيءَ لاءِ نهايت اهم آهي: صدر مملڪت آصف علي زرداري

اسلام آباد (اي پي پي) ... بقايا نمبر 8 ڪالم 2

سکر: ڌند ڇانيل سبب سکر بئراج جي ڪڪرو نظر اچي رهيو آهي

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ حضرت امام علي عليه السلام جي ولادت تي جشن، ريليون

ميهڙ، ٽنڊو آدم، پٿورو، ٽنڊو محمد خان، سڪرنڊ، ڊگهڙي، نوابشاهه، سڪر ۽ ٻين شهرن ۾ ڪيڪ ڪاٽيا ويا

شيعه علماءِ ڪائونسل ۽ جعفريه اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پاران امن، اتحاد ۽ پيغمبر جي پيغام جو درس ڏيندڙ ريليون

ولايت علي، اسان مسلمان شهر ۾ سڀني لاءِ هڪ انمول تحفو آهي، جنهن کان اسان کي عظيم درس ۽ سبق سکڻ گهرجي: اڳواڻ

ميهڙ (نامه نگار) ... بقايا نمبر 34 ڪالم 2

صدر ۽ وزيراعظم جون تيمور ويپن سسٽم جي ڪامياب تجربي تي مبارڪون

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، ايئر چيف مارشل ظهير بابر، سائنسدانن ۽ انجنيئرن کي خراج تحسين

تيمور ويپن سسٽم جديد جنگ جي تقاضائن مطابق ملڪ جي دفاع ۾ واڌ جو ضامن بڻجندو: شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) ... بقايا نمبر 36 ڪالم 2

وزيراعليٰ مريم نواز پاران تيمور ويپن سسٽم جي ڪامياب تجربي تي مبارڪون

لاهور (اي پي پي) ... بقايا نمبر 35 ڪالم 2

ملڪ جي سلامتي سنڌي رت ڪراچي جي شان سان جڙيل آهي: فاروق ستار

گڏيل سان اسان جي سياسي تاريخي معرڪي سرخرو ٿيڻ جي سان ۽ آئندي ۾ ملڪ کي ... آهي

ڪراچي (پريس ڪانفرنس) ... بقايا نمبر 37 ڪالم 2

جيڪب آباد: پوليس پاران گرفتار ٿيل ملزمن

ڪراچي ۾ موٽر سائيڪل ۽ ٽرڪ سان حادثو، 2 نوجوان مارجي ويا

ڪراچي: گرفتار ٿيل 5 نوجوانن جي بازيابي جي ڪاروائي

ڪراچي (اي پي پي) ... بقايا نمبر 38 ڪالم 2

سنڌ ۾ ڏوهن ۽ ڏوهارين خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي اختيار ڪئي ويئي: جاويد عالم اوڊهو

صوبائي پوليس سربراهه جاويد عالم اوڊهو جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي اجلاس

ڪراچي (اي پي پي) ... بقايا نمبر 39 ڪالم 2

ڪراچي ۾ مليل جنس لاش جي سڃاڻپ

ڪراچي (اي پي پي) ... بقايا نمبر 41 ڪالم 2

هندو پرست ۽ هندو مذهب ۾ فرق آهي: ڪيشلداس ڪوهستاني

هندستان جو سيڪيولر چهرو بي نقاب ٿي چڪو آهي، مذهب جي بنياد تي نفرت جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي

لاهور (اي پي پي) ... بقايا نمبر 13 ڪالم 2

حق جي بنياد تي ڪاروبار ۾ ترقي جي راهه ۽ ڪاميابي حاصل ڪنداسين: احسن اقبال

پاڪستان کي پائيدار ترقي جي راهه تي آڻڻ لاءِ سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو

لاهور (اي پي پي) ... بقايا نمبر 14 ڪالم 2

ميڪسيڪو ۾ زلزلو، 2 ڄڻا فوت، 12 زخمي

ميڪسيڪو سٽي (اي پي پي) ... بقايا نمبر 12 ڪالم 2

بيجنگ: پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جو چين پهچڻ تي استقبال ڪيو پيو وڃي

نفرت تي ٻڌل بيانن ۽ سوشل ميڊيا تي نعرا هڻڻ سان تاريخ بدلائي نٿي سگهجي: شرجيل ميمڻ

ڪراچي جي مسئلن کان پيپلز پارٽي نه ڪڏهن غافل رهي آهي ۽ عملي قدم کڻي پئي

سيوريج، روڊ ۽ انفرا اسٽرڪچر جا اڳٽيون نام نهاد شهري حڪومتن جي غفلت سبب پيدا ٿيل آهن

پيپلز پارٽي هميشه وفاق جي مضبوطي، صوبائي خودمختياري ۽ عوامي ڀلائي کي ترجيح ڏني آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ... بقايا نمبر 15 ڪالم 2

دادو: يوم ولادت حضرت علي جي موقعي تي شيعه علماءِ ڪائونسل پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

ايران خلاف آمريڪي صدر جا بيان تشدد تي اڪسائڻ برابر آهن: ايران جو گڏيل قومن کي خط

آمريڪي صدر جا بيان ڇڙ ڊيارڻ جي مترادف آهن، جيڪي گڏيل قومن جي چارٽر جي اصولن جي سنگين ڀڃڪڙي جي دائري ۾ اچن ٿا

ڪنهن ٻئي ملڪ تي ايئن جي ايراني ڀوڳ جي محنت مداخلت ڪرڻ، ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ٿيندي

ايران پنهنجي خودمختياري، سياسي آزادي ۽ علائقائي سلامتي جي ڪابه ڀڃڪڙي قبول نه ڪندو

گڏيل قومون (اي پي پي) ... بقايا نمبر 10 ڪالم 2

سهيل آفريدي کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم

ضلعي ۽ سيشن ڪورٽ پاران خيبر پختونخوا جي وزيراعليٰ خلاف وارنٽ جاري

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ... بقايا نمبر 9 ڪالم 2

نئون سال ڪاروبار لاءِ خوش آئند هوندو: عقيل ڪريم

نوين صنعتن جي قيام سان موجوده صنعتن ۾ روزگار فراهم ڪيو ويندو

حڪومت ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ڪوششن سان ملڪ ترقي جي راهه تي گامزن آهي

ڪراچي (پ ر) ... بقايا نمبر 11 ڪالم 2

ڪنڊيارو: لڳ مسافر ڪوچ ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

قومي شاهراهه تي بيهڙي اسٽاپ ويجهو مسافر ڪوچ ۽ ٽرالر وچ ۾ ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ محمد سليمان ۽ محمد آصف سخت زخمي ٿي پيا

رضاڪارن زخمين کي ڪنڊيارو اسپتال منتقل ڪيو جتي سليمان دم ڏئي حوالي ٿيو

ڪنڊيارو (نامه نگار) ... بقايا نمبر 42 ڪالم 2

ڪنڊيارو: حادثي ۾ تباهه ٿيل گاڏيون

اسلام آباد: شهري ڊبل ڊيڪر بس ۾ سواري جو مزو وٺي رهيا آهن

ڪراچي ۾ مين هول مان مليل 4 لاش جو پوسٽ مارٽم، بدترين تشدد ڪري مارڻ جو انڪشاف

مليل لاشن ۾ هڪ ٽيڻ جي ڇوڪري ۽ ٻه ڇوڪرا شامل، جن جي عمر 10 ورهين جي آهي

تين لاشن 15 ورهين جي ڇوڪري جي آهي، مقتولن جي جسمن تي سخت تشدد جا نشان مليا

هڪ سڪل مين هول ۾ لاشن کي ڪمبل ۾ ويڙهي ڦٽو ڪيو ويو: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 16 ڪالم 2

مقتولا پهنجي مڙس امير مختيار علي کان طلاق وٺڻ چاهيندي هئي

ڪراچي (ڪورٽ رپورٽر) ... بقايا نمبر 18 ڪالم 2

انبلان تي ڪيترين نوجوانن جي شڪايتون

ڪراچي (ڪ ر) ... بقايا نمبر 19 ڪالم 2

عورت پهنجي ٻارڙن سان گڏ 30 ڊسمبر کان گهر کان ٻاهر

حيدرآباد (اي پي پي) ... بقايا نمبر 17 ڪالم 2

ڪوٽڙي ۾ ٻڍي عورت کي ڌار ڌار ڪري قتل

خانپور جي علائقي لڪو شيدي ۾ هڪ ٻار جي ماءُ 32 سالن امينان زادي جو لاش گهر مان هٿ آيو

ٻڌايو وڃي ٿو ته لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

مقتولا جا وارث پهچي ويا، ناري جي سهري، ڏير ۽ مڙس مٿان قتل ڪرڻ جو شڪ ظاهر ڪيو

ڪوٽڙي (نامه نگار) ... بقايا نمبر 43 ڪالم 2

نوري آباد وٽ مسافر ڪوچ ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي، هڪ فوت، 8 زخمي

نوري آباد (نامه نگار) ... بقايا نمبر 22 ڪالم 2

ڪراچي ايئرپورٽ ويجهو پرڏيهي ناڪي تي خودڪش حملي ۾ سهولتڪارن تي فرد جرم لاڳو

دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ جوابدار اختيارين جوابدار سعيد بلال پاڪ عدالت ۾ پيش ٿيو

عدالت جوابدارن تي فرد جرم عائد ڪري، جوابدارن ڏوهه مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

گواهن کي ايندڙ ٻڌڻي تي نوٽيس جاري ڪندي عدالت ٻڌڻي 10 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 20 ڪالم 2

ڪراچي ۾ گرين لائن بس اسڪول سسٽم تحت استادن لاءِ تربيتي ورڪشاپ منعقد

گلشن حديد بوائز ڪيمپس ۾ ورڪشاپ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ استادن کي جديد تدريسي طريقن بابت آگاهي ڏني وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ... بقايا نمبر 44 ڪالم 2

حيدرآباد: ڪوآپريٽو ٻاڪستان جي سيڪريٽري اطلاعات (رضاڪار) ظفر صديقي جيڪب آباد پريس ڪلب جي صدر کي گلدستو پيش ڪندي

چڪ: پوليس اهلڪارن ڪان سرڪاري هٿيار ڦري وڃڻ وارو معاملو، ڳوٺ تي پوليس چڙهائي، احتجاج

مختلف ٿاڻن جي پوليس اتالا مزار خان جاگيراڻي ڳوٺ تي گهيرو ڪري جوابدارن جي گرفتاري لاءِ چڙهائي ڪئي

جوابدار هٿ نه آيا، عورتن ۽ ٻارن کي به ڇڏي ڪارروائي ڪئي، ماڻهن کي گرفتار ڪري ٿاڻي تي آندو ويو

گرفتاري بعد ڳوٺاڻن پاڪ ڪتاب ڪڍي ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي پوليس خلاف سخت نعريبازي

چڪ (نامه نگار) ... بقايا نمبر 45 ڪالم 2

خيرپور لڳ چئن ٻارن جي ماءُ گولين هڻي قتل، مزاحمت تي 6 ڄڻا زخمي

ڳوٺ محمد معروف شر ۾ جوابدار گهر ۾ داخل ٿي مسمات شيبران شر تي فائرنگ ڪري فرار ٿي ويا

زخمي عورت کي نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جي تاب نه سهندي دم ڏئي حوالي ٿي وئي

اڙ کي ڇڏائيندڙ عورت جا ٻار مزاحمت دوران ريشمان، ڪاشف، شاهد، امتياز حسن، زوهيب ۽ تبسم شر به زخمي ٿي پيا

اڪري پوليس جا وارڊات تي پهچي جوابدارن جي ڳولا ۾ ڇاپا هنيا، ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ ڪارروائي جاري

خيرپور (نامه نگار) ... بقايا نمبر 21 ڪالم 2

بقايا | 1 | ھلدار مارجي ويا

آهي. راڄڌاني ڪاراڪاس ۾ گهٽ ۾ گهٽ 7 زوردار ڌماڪا ٻڌا ويا. شهرين هيٺين فضا ۾ آمريڪي فوج هيليڪاپٽر سي ايڇ 47 چينوڪ کي ٻه اڏامندي ڏٺو جنهن کان پوءِ آمريڪي ڌمڪين جي حوالي سان جنگ جا شڪ وڌي ويا آهن. ڌماڪن کان پوءِ ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي غائب ٿي وئي، جڏهن ته آسمان تي دونهون اڏامندي ڏٺو ويو. ميڊيا ذريعن موجب آمريڪي حملي ۾ وينزويلا جي دفاع واري وزير ولاديمير پيڊرينو لوپيز جي گهر کي نشانو بڻايو ويو آهي جنهن کان پوءِ دفاع واري وزير سان رابطو نه ٿي رهيو آهي. وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو کي محفوظ هنڌ تي منتقل ڪيو ويو آهي. وينزويلا جون بڪتربند گاڏيون صدارتي محل جي چوڌاري گشت ڪري رهيون آهن. وينزويلا جي صدر چوڻ آهي ته آمريڪا وينزويلا جي تيل ۽ معدنيات تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو پر اٿهي ۾ هو ناڪام ويندو ٻئي طرف آمريڪي ميرينز جي وينيزويلا جي اندر زميني ڪارروائي جون به اڻ تصديق ٿيل اطلاعون سامهون اچي رهيون آهن. وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو طرفان نيشنل ايمرجنسي جو اعلان ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته اهو واقعو اهڙي وقت ۾ پيش آيو آهي جڏهن آمريڪا ۽ وينزويلا جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. خاص طور تي آمريڪا طرفان منشيات جي اسمگلنگ جي خلاف ڪارروايون ۽ وينزويلا تي دٻاءُ وڌو پيو وڃي ٻئي طرف آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته آمريڪا، وينزويلا تي وڏي پيمائي تي فوجي ڪارروائي ڪندي صدر نڪولس مادورو ۽ سندس گهرواري کي گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ انهن کي ملڪ مان ٻاهر منتقل ڪري ڇڏيو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڇنڇر ڏينهن پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽروٿ سوشل تي جاري بيان ۾ چيو ته آمريڪا، وينزويلا ۽ ان جي صدر نڪولس مادورو خلاف ڪامياب ۽ وڏي پيمائي تي حملو ڪيو آهي، جنهن کي سندس گهرواري سان گڏ گرفتار ڪري ملڪ کان ٻاهر منتقل ڪري ڇڏيو آهي. صدر مادورو تي منشيات جي اسمگلنگ ۾ ملوث هجڻ، رياست کي "نارڪو اسٽيٽ" بڻائڻ ۽ چونڊن ۾ ڌانڌلي جا الزام لاڳو ڪندو رهيو آهي. صدر مادورو جيڪو 2013ع ۾ هيوگوشاويز کانپوءِ اقتدار ۾ آيو هو الزامن کي رد ڪندي چوندو رهيو آهي ته واشنگٽن وينزويلا جي تيل جي ذخيرن تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو.

بقايا | 2 | مارجڻ جا اطلاع

وي تي قوم کي خطاب ڪندي چيو ته حڪومت کي آخري اطلاعن تائين صدر نڪولس مادورو ۽ خاتون اول سيليا فلورس بابت ڪا ڄاڻ نه ملي سگهي آهي. هن صدر ٽرمپ کان مطالبو ڪيو ته هو صدر مادورو ۽ سندس زال جي زنده هجڻ جو ثبوت پيش ڪري. هن چيو ته آمريڪي حملي ۾ سڄي ملڪ ۾ ڪيترن سرڪاري عملدارن فوجي ۽ شهرين جي مارجڻ جا اطلاع آهن.

بقايا | 3 | حالتون لاڳو

صدر نڪولس مادورو ملڪ ۾ قومي هنگامي حالتون لاڳو ڪندي دفاعي فوج کي متحرڪ ڪري ڇڏيو. سرڪاري بيان موجب حملا ميرانڊا رياست اراگوا ۽ لاگوايرا ۾ به ٿيا. وينزويلا جي حڪومت پنهنجي بيان ۾ چيو ته آمريڪي حملن جو مقصد ملڪ جي تيل ۽ معدني وسيلن تي قبضو ڪرڻ آهي، ان ڪري ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته آمريڪا پنهنجي مقصدن ۾ ڪامياب نه ٿي سگهندو ٻئي پاسي آمريڪي صدر ان کان اڳ وينزويلا ۾ زميني ڪارروائين جي عزم جو اظهار ڪندو رهيو آهي. جيتوڻيڪ هن پنهنجي هدفن جا تفصيل بيان ناهن ڪيا جڏهن ته پرڏيهي ميڊيا موجب نجي طور تي هو صدر مادورو تي اقتدار ڇڏڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيو آهي. سومر ڏينهن صدر ٽرمپ چيو هو ته مادورو لاءِ اقتدار ڇڏڻ دانشمندانو فيصلو هوندو.

بقايا | 4 | مان گهلي ڪٺي ويا

جي صدر ۽ سندس زال کي بيڊروم مان گهلي ڪٺي ويا، ان وقت هو گهري ننڊ ستل هئا. آها گرفتاري آمريڪي فوج جي خصوصي يونٽ ڊيلٽا فورس انجام ڏني، ڪارروائي ۾ آمريڪا جي ڪنهن به اهلڪار کي ڪو نقصان نه پهتو. آمريڪي عملدارن موجب وينزويلا جي صدر خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

بقايا | 5 | 3ڄڻا شهيد

جي آپريشن دوران چپ ڪري پئي، شهيد ٿيندڙن ۾ ڪيپٽن اسعد، سپاهي رضوان ۽ مشين آپريٽر شهري عيسيٰ شامل آهن. برف هٽائڻ جو آپريشن ڪيپٽن اسعد جي نگراني ۾ جاري هو. آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته 28 ورهين جي ڪيپٽن اسعد جو واسطو لاهور ۽ سپاهي رضوان جو واسطو اٽڪ سان هو جڏهن ته شهيد مشين آپريٽر عيسيٰ جو واسطو استور سان هو. آءِ ايس ...

[illegible]

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
ibratsansar@yahoo.com
آچر 04 جنوري 2026ع

آمريڪا جو وينزويلا تي حملو، صدر ۽ سندس زال جي گرفتاري

فريد احمد

دنيا ۾ 8 جنگيون روڪرائڻ جي دعوي ڪندڙ آمريڪي صدر ڊونالڊ ٽرمپ جي حڪم تي آمريڪا جي فوج تيل جي سڀ کان وڏيڪ ذخيرن واري ملڪ وينزويلا تي نيٺ حملو ڪري ڏنو ۽ صدر ٽرمپ دعوي ڪئي آهي ته حملي دوران وينزويلا جي صدر ۽ سندس زال کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته وينزويلا حڪومت جنگي امرجنسي لاڳو ڪري سمورين فوجن ۽ عوام کي گهرن مان نڪري صورتحال کي همٿ سان منهن ڏيڻ جي اپيل ڪري ڇڏي آهي.

ٻنهي ملڪن ۾ جاگرافيائي فاصلي وانگر نظرياتي فاصلن جي به هڪ وڏي تاريخ آهي.

آمريڪا ۽ وينزويلا جاگرافيائي طور هڪ ٻئي کان گهڻو پري آهن. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪيريبين سمنڊ آهي. وينزويلا کان آمريڪا تائين زميني سفر ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي ملڪن مان گذرڻو پوندو، جن ۾ ڪولمبيا، پاناما، ڪوسٽا ريڪا، نيڪاراگوا، هونڊوراس، گوئٽي مالا ۽ ميڪسيڪو شامل آهن. جڏهن ته وينزويلا جي سمنڊ ڪناري کان آمريڪي رياست فلوريڊا جي ڏاکڻي ساموندي ڪنڌيءَ تائين هوائي فاصلو تقريباً 2,000 ڪلوميٽر آهي.

9 لک 12 هزار 50 چورس ڪلوميٽرن تي پکڙيل وينزويلا دنيا ۾ ثابت ٿيل تيل جي سڀ کان وڏن (تقريبن 300 ارب بيرل) ذخيرن جو مالڪ آهي، جنهن ڪري ان جي عالمي توانائي مارڪيٽن انتهائي وڏي اهميت آهي. آمريڪي پابندين ۽ بلاڪ ٽينڊرن (تيل جي ذخيرن جي نيلامي ته جيئن آمريڪي پابندين کي منهن ڏئي سگهي) باوجود هو روزانو ڀارنهن لک بيرل تيل پيدا ڪري رهيو آهي، جنهن جو وڏو حصو چين ۽ هندستان ڏانهن موڪليو وڃي ٿو.

آمريڪا چاهي ٿو ته وينزويلا جا تيل وارا وسيلا سندس (آمريڪي) منشا موجب عالمي مارڪيٽن تائين پهچن. جڏهن ته وينزويلا جي حڪومت ان کي پنهنجي خودمختياريءَ جو معاملو سمجهي ٿي. ٻنهي ملڪن ۾ سوشلزم ۽ سرمائيداري ۾ ٽڪراءَ وارو نظرياتي فرق آهي. وينزويلا جي اڳوڻي صدر هيوگو شاويز جي وقت کان وٺي، وينزويلا "21 صدي جي سوشلزم" کي قبول ڪيو ۽ رسمي طور تي سوشلزم جي نظريي کي پنهنجي سرڪاري پاليسيءَ طور اختيار ڪيو ۽ ان جي اڳواٽي ڪرڻ شروع ڪئي. ان پاليسي يا سوشلزم تحت هيوگو شاويز آمريڪي سرمائيداراڻي نظام ۽ علائقي ۾ ان جي اثر جي مخالفت ڪئي هئي. جنهن ۾ ڪيوبا جو اڳوڻو صدر فيڊل ڪاسترو پڻ ساڻس چيلهه جي سنڌري وانگر گڏ هيو. هن وقت ٻئي اڳواڻ دنيا ۾ موجود نه آهن. شاويز جي جاءِ تي هن وقت نڪولس مادورو صدر آهي.

جنهنجون پاليسيون ۽ روايتي اتحادَ آمريڪا لاءِ اک جو ڪنڊو رهندا آيا آهن. ڇاڪاڻ ته هن سوشلسٽ ملڪ جا اتحادي به آمريڪا جا روايتي مخالف ملڪ آهن. جن ۾ روس، چين ۽ ايران شامل آهن. جن سان وينزويلا جي گهري دفاعي ۽ معاشي سهڪار کي آمريڪا پنهنجي لاءِ "گهر جي اڱڻ" (لاطيني آمريڪا) ۾ هڪ وڏو سيڪيورٽي چيلينج سمجهي ٿو. هيوگو شاويز جي دور 1999 کان 2013 کان ٻنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپا خراب ٿيڻ شروع ٿيا. جڏهن شاويز آمريڪي پاليسين جي سخت مخالفت ڪئي ته 2002 ۾ سندس حڪومت خلاف آمريڪا بغاوت کي اڀاريو. پر اها بغاوت ناڪام ٿي. شاويز پنهنجي تقريرن ۾ ان ناڪام بغاوت جو الزام آمريڪا تي هڻندو رهيو.

وري نڪولس مادورو جي دور آمريڪا (2013-2024 دوران) وينزويلا تي معاشي پابنديون سخت ڪيون. خاص طور تي 2017 ۽ 2019 ۾ تيل جي صنعت کي نشانو بڻايو.

ان ڪري پنهنجي روايتي انداز سان وينزويلا تي الزام هڻندو رهيو آهي ۽ انهن الزامن ۾ هاڻوڪي آمريڪي صدر ڊونالڊ ٽرمپ شدت آندي آهي. آمريڪي انتظاميا صدر نڪولس مادورو ۽ سندس حڪومت تي "منشيات جي دهشتگردي" ۽ بين الاقوامي ڪارٽيل (ساڳيو مال ٺاهيندڙن/ وڪرو ڪندڙن جو ٽولو جيڪو پاڻ ۾ ٻڌي پنهنجا نفعا وڌائڻ لاءِ اگهه مقرر ڪندڙ) جي سرپرستي ڪرڻ جو الزام لڳائيندي رهي آهي. آمريڪا جا ٻيا الزام جمهوريت ۽ انساني حقن بابت آهن. آمريڪا وينزويلا جي چونڊن (خاص طور تي 2018 ۽ 2024) کي غير شفاف قرار ڏئي ٿو ۽ حڪومت تي انساني حقن جي ڀڃڪڙين جا الزام هڻندو رهي ٿو. جهڙي طرح عراق ۾ صدام حڪومت تي، افغانستان ۾ اڳوڻي طالبان حڪومت تي، لبيا ۾ قذافي حڪومت تي الزام هنيا ويا ۽ لڳاتار ايران تي به اهڙا ئي الزام هڻندو رهي ٿو پر ايران سان گهڻي ڪنئوس ڪرڻ کان لنوائي ٿو. باوجود ان جي جو صدر ٽرمپ ٻه ڏينهن اڳ ايران ۾ احتجاج ڪندڙن تي ڏاڍ ٿيڻ جي صورت ۾ ايران اندر داخل ٿيڻ جي ڌمڪي ڏني، جنهنجي جواب ۾ ايراني حڪومت جو سخت بيان آيو ته 'ايران ڏانهن وڌندڙ هٿ ڪپيو ويندو.' ان بعد آمريڪا جو وري ڪو ڏيان ڇڪائڻ جهڙو بيان ناهي آيو.

بهرحال وينزويلا خلاف آمريڪي فوجي سرگرميون گذريل ڊسمبر 2025 کان تيزي ٿي ويون هيون. جن مان اندازو هو ته صورتحال ڳنڀير شڪل اختيار ڪندي ڇاڪاڻ ته آمريڪا ڪيريبين سمنڊ ۾ منشيات جي خلاف آپريشن جي نالي تي وينزويلا لڳ ساموندي فوج مقرر ڪئي ۽ وينزويلا جي ڪيترن ئي ساموندي جهازن خلاف ڪاروائي ڪئي هئي. هاڻي آمريڪا وينزويلا ۾ وڏي پيماني تي حملو ڪيو آهي. جنهن ۾ صدر نڪولس مادورو ۽ سندس زال کي گرفتار ڪري ملڪ کان ٻاهر منتقل ڪيو ويو آهي. آمريڪي فوج وينزويلا جي گادي واري هنڌ سميت مختلف هنڌن تي ميزائل حملا ڪيا آهن. وينزويلا جي گادي واري هنڌ ڪاراڪاس ۾ 7 ڌماڪا ٿيا ۽ شهر جي مختلف علائقن ۾ آمريڪا جا جنگي جهاز هيٺائين اڏام هڻندا ۽ حملا ڪندا رهيا. آمريڪي ميڊيا موجب، آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وينزويلا ۾ حملن جو حڪم ڏنو آهي ۽ وينزويلا جي گاديءَ واري هنڌ ڪاراڪاس ۾ گهٽ ۾ گهٽ 7 ڌماڪا ٿيا آهن. وينزويلا حڪومت تصديق ڪئي ته حملا ڪاراڪاس، ميرانڊا، اراگوا ۽ لاگويرا رياستن ۾ ٿيا آهن. "انهن آمريڪي حملن جو مقصد وينزويلا جي تيل ۽ معدنيات تي قبضو ڪرڻ آهي. پر آمريڪا کي ڪاميابي حاصل نه ٿيندي" حملن بعد وينزويلا حڪومت ملڪ ۾ هنگامي حالت جو اعلان ڪيو جنهن بعد روسي ميڊيا خبر ڏني ته آمريڪي حملي وينزويلا جي دفاعي هيڊ ڪوارٽر کي نشانو بڻايو آهي ۽ وينزويلا جو صدر صدارتي محل ڇڏي ويو آهي. روسي ميڊيا جو چوڻ هو ته آمريڪي ساموندي فوج پاران وينزويلا جي ڪيترن ئي بيٽن تي زميني ڪارروائي شروع ڪرڻ جا اطلاع پڻ مليا آهن.

وينزويلا ۾ جاري ڪيل هڪ سرڪاري بيان ۾ صدر مادورو جي حمايتين کي روڊن تي نڪري اچي مزاحمت ڪرڻ تي منهن ڏيڻ لاءِ چيو ويو آهي. ملڪ جون عام هوائي اڏامون بند ڪيون ويون آهن. گاديءَ واري شهر ڪاراڪاس ۾ ڌماڪن کان پوءِ مختلف علائقن ۾ ماڻهو پنهنجن گهرن مان ٻاهر نڪري آيا آهن. ملڪ ۾ افرا تفري پکڙيل آهي.

آمريڪي صدر ڊونالڊ ٽرمپ حملن جي تصديق ڪندي چيو آهي ته "صدر وينزويلا جي صدر مادورو ۽ سندس زال کي گرفتار ڪري ملڪ کان ٻاهر منتقل ڪيو ويو آهي." بهرحال وينزويلا جي حڪومت عالمي برادريءَ کان مطالبو ڪيو آهي ته صدر نڪولس مادورو ۽ سندس زال زنده سلامت هجڻ جو ثبوت ڏنو وڃي ۽ اهو به ٻڌايو وڃي ته اهي هن وقت ڪٿي آهن.

ٻئي پاسي آمريڪي ميڊيا رپورٽ ڏني آهي ته "وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو کي آمريڪي فوج جي اعليٰ اسپيشل يونٽ 'ڊيلٽا فورس' گرفتار ڪيو آهي." آمريڪي اٽارني جنرل 7 آگسٽ 2025 تي وينزويلا جي صدر کي گرفتار ڪرڻ لاءِ 50 ملين ڊالر انعام جو اعلان ڪيو هو. آمريڪي ريپبلڪن سينيٽر مائيڪ لي جو چوڻ آهي ته هن آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو سان فون تي ڳالهايو آهي، جنهن ٻڌايو آهي ته "وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو کي ڏوهاري الزامن کي منهن ڏيڻ لاءِ گرفتار ڪيو آهي."

آمريڪي حملن ڪانپوءِ ٻنهي ملڪن وچ ۾ تڪرار هاڻي صرف سفارتي يا معاشي نه رهيو آهي، پر سڌي فوجي مداخلت جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. سڄي دنيا جو آمريڪا جي اهڙي ڪارروائيءَ ڏانهن ڌيان ڇڪجي ويو آهي. ڪولمبيا جي صدر وينزويلا تي آمريڪي ڪاهه واري معاملي تي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو اجلاس سڏائڻ جو مطلبو ڪيو آهي.

آمريڪا جي اهڙي ڪارروائي مهذب دنيا لاءِ ڳڻتيءَ جوڳو عمل آهي. دنيا هيتري ترقي ڪري چڪي آهي. تڏهن به صديون اڳ وانگر ڏنُ نه ملڻ تان عالمي سامراج طرفان ملڪن تي ڪاهه ڪرڻ ۽ حڪومتن کي تبديل ڪرڻ ۽ پنهنجا پِٺو ويهارڻ جو عمل جاري آهي!

وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو به ڏينهن اڳ نشر ٿيل پنهنجي ڪارڊ ڪيل انٽرويو ۾ چيو هو ته آمريڪا زوريءَ حڪومت جي تبديلي مڙهي ۽ اسان جي تيل وارن وسيع ذخيرن تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو. جنهن لاءِ هن دٻاءَ واري مهم شروع ڪندي آگسٽ کان ڪيريبين سمنڊ ۾ هڪ وڏي پيماني تي فوج مقرر ڪئي آهي.

ڏهرڪي شهر ۾ مسافرن لاءِ بس ٽرمينل يا انتظارگاهه قائم نه ٿي سگهي، مشڪلاتون درپيش

بس ٽرمينل نه هجڻ سبب هر ٽرانسپورٽرن روڊن، چوڪن ۽ ڳنڀيل آبادي وارن علائقن ۾ اڏا قائم ڪري ڇڏيا

مسافرن جي ويهڻ، انتظار ڪرڻ، واش روم ۽ ٻين بنيادي سهولتن لاءِ ڪو به منظم بندوبست نه هجڻ ڪري مشڪلاتون

عورتن، بزرگن ۽ ٻارن کي گرمي، سردي ۽ برسات ۾ کليل آسمان هيٺ بسن جو انتظار ڪرڻو پوي ٿو مسئلو حل ڪرايو وڃي: شهري

ڏهرڪي (ن ع) ڏهرڪي شهر ۾ مسافرن لاءِ بس ٽرمينل ۽ انتظارگاهه جي کوٽ، هزارين شهري پريشانين جو شڪار. تفصيل موجب ڏهرڪي شهر ۾ مسافرن جي سهولت لاءِ اڃا تائين ڪو به باقاعده بس ٽرمينل يا انتظارگاهه قائم نه ٿي سگهي آهي. جيڪو هاڻي هڪ سنگين ۽ ديرينه مسئلو بڻجي ويو آهي. ڏهرڪي مان روزاني بنياد تي نه رڳو سنڌ پر پنجاب جي مختلف شهرن ڏانهن پڻ مسافر بسون روانيون ٿين ٿيون ۽ هزارين شهري شهر کان ٻاهر سفر ڪن ٿا. افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته مسافرن جي ويهڻ، انتظار ڪرڻ، واش روم ۽ ٻين بنيادي سهولتن لاءِ ڪو به منظم بندوبست موجود ناهي. بس ٽرمينل نه هجڻ سبب هر ٽرانسپورٽر پنهنجي مرضي سان روڊن، چوڪن ۽ ڳنڀيل آبادي وارن علائقن ۾ بسون بيهاري غير رسمي بس اڏا قائم ڪري ڇڏيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ نه رڳو ٽريفڪ جا مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن پر شهرين کي به سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. عورتن، بزرگن ۽ ٻارن کي گرمي، سردي ۽ برسات ۾ کليل آسمان هيٺ بسن جو انتظار ڪرڻو پوي ٿو جڏهن ته پيئڻ جي پاڻي، واش روم ۽ انتظارگاهه جهڙيون بنيادي سهولتون به ميسر ناهن. ٻئي پاسي ٽرانسپورٽر پڻ انتظامي کوٽ سبب مشڪلاتن ۾ آهن ڇاڪاڻ ته نه ڪا مستقل جاءِ آهي ۽ نه ئي ڪو واضح نظام. شهرين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڏهرڪي جهڙي اهم شهر ۾ هڪ باقاعده بس ٽرمينل ۽ مسافر انتظارگاهه قائم ڪئي وڃي ته نه رڳو عوام کي سهولت ملندي پر شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني به بهتر ٿيندي ۽ ٽرانسپورٽ جو نظام به منظم ٿي سگهندو. عوامي حلقن ضلعي انتظاميا، بلدياتي ادارن ۽ لاڳاپيل عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته هن ديرينه مسئلي جو فوري نوٽيس وٺي ڏهرڪي ۾ جديد سهولتن سان ليس بس ٽرمينل ۽ مسافر انتظارگاهه قائم ڪئي وڃي ته جيئن عوام کي رليف ملي سگهي.

ٿر جي وٽرنري ڊاڪٽرن طرفان ناانصافين خلاف احتجاج

چوپايو مال جي پالنا لاءِ شروع ڪيل پروجيڪٽ ۾ اڪثريت کي نظرانداز ڪيو ويو آهي: ڊاڪٽر

پروجيڪٽ لاءِ پرٽيون به پبلڪ اشتهارن ذريعي شفاف طريقي سان نه ڪيون ويون آهن

مٺي (ڊ ن) ٿرپارڪر ضلعي ۾ ٿر فائونڊيشن پاران چوپايو مال جي پالنا لاءِ شروع ڪيل پروجيڪٽ ۾ ناانصافين خلاف ٿر جي وٽرنري ڊاڪٽرن طرفان مٺي پريس ڪلب پهچي ميڊيا آڏو احتجاج ڪيو ويو آهي. احتجاج ڪندڙ ڊاڪٽرن ڊاڪٽر شنڪر سنگهه سوڍو، ڊاڪٽر معشوق علي راهمون، ڊاڪٽر امرت منتارائي، ڊاڪٽر دليپ ڪمار مٺي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ٿرپارڪر ۾ لڳ ڀڳ 70 لک چوپايو مال آهي 64 يونين ڪائونسلون ۽ 2800 ڳوٺ آهن پر هي پروجيڪٽ صرف 20 ننڍن ڳوٺن ۾ شروع ڪيو ويو آهي جنهن ڪري 99 سيڪڙو چوپايو مال ۽ ٻيا ڪيٽرائي علائقا نظرانداز ٿي ويا آهن. هنن چيو ته پروجيڪٽ لاءِ پرٽيون به پبلڪ اشتهارن ذريعي شفاف طريقي سان نه ڪيون ويون آهن پروجيڪٽ جا معاهدا پڻ پبلڪ ناهن ڪيا ويا ۽ من پسند ماڻهن کي بغير ڪنهن طريقيڪار جي پرٽي ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه سرڪاري ڊاڪٽرن کي "ڊيوئل جاب" (ٻٽي نوڪري) ڏني وئي آهي، جيڪو غير اخلاقي ۽ غير قانوني آهي. هنن مطالبو ڪيو آهي ته پروگرام جي آڊٽ ڪرائي وڃي ۽ دائرو وڌايو وڃي، پروجيڪٽ جا معاهدا ۽ اشتهار عوام آڏو آندا وڃن غير قانوني پرٽيون رد ڪري نوان اشتهار جاري ڪيا وڃن ۽ ميرٽ جي بنياد تي پرٽي ڪيا وڃن. پروجيڪٽ ۾ مقامي ماڻهن ۽ ماهرن کي ترجيح ۽ موقعا ڏنا وڃن. ٿر جي وٽرنري ڊاڪٽرن پرزور اپيل ڪئي آهي ته ميڊيا، ڊسٽرڪٽ ٻار سيشن جج، ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر چونڊيل عوامي نمائندا ۽ سول سوسائٽي اسانجو ساٿ ڏين. جيڪڏهن اسانجا مطالبا منظور نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. هنن چيو ته اسان جو مقصد ٿرپارڪر جي عوام جي حقن جي تحفظ ڪرڻ آهي. اسان مطالبو ڪيون ٿا ته پروجيڪٽ جا معاهدا ۽ اشتهار عوام آڏو آندا وڃن ۽ غير قانوني پرٽيون رد ڪيون وڃن.

مٺي وٽرنري ڊاڪٽر ٿر فائونڊيشن جي پاليسي خلاف پريس ڪلب مٺي ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيا آهن.

ٽنڊو غلام علي ٿاڻي جي حد ٻڊو ڦمبراڻي ۽ آسپاس جي علائقن ۾ امن جو پکي اڏامي ويو

بدامني عروج تي هجڻ ڪري چورين روز جو معمول بڻجي ويون، منشيات ۽ جوا منٿلي عيوض سرعام هلڻ لڳي

بدامني ۽ منشيات ڪيترائي گهر اجاڙي ڇڏيا، ساٺن کان پوليس جا رڪرايل انچارج مقرر ڪابه ڪارروائي ڪرڻ کان قاصر

مهانگائي غريبن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آ ته ٻيو وري چورين ۽ منشيات فروشن ۽ جوارين به تباهي ڪري ڇڏي آهي: رهواسي

ٻڊو ڦمبراڻي (ن ع) ٽنڊو غلام علي ٿاڻي جي حد ٻڊو ڦمبراڻي ۽ انجي آسپاس ڳوٺ منشيات ۽ جوا جو مرڪز بڻجي ويا ڪافي عرصي کان سياسي پوتارن جا رڪرايل انچارج لکين روپيه هفتو وصول ڪرڻ لڳا هر آئي ڏينهن چورين روز جو معمول بڻيل صفينا وسڪي چرس جوا ڪيترائي گهر اجاڙي ڇڏيا پر ايس ايس پي بدين ڪوبه نوٽيس نه ورتو سياسي مداخلت سبب ايس ايس پي به بيوس بڻيل منشيات جي سرعام هلڻ سان پوليس به آرام سان سٺل جنهن ڪري چوريون روز جو معمول بڻجي ويون پر افسوس هڪ اڳي مهانگائي غريبن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آ ته ٻيو وري چورين ۽ منشيات فروشن ۽ جوارين به تباهي ڪري ڇڏي آهي تاريخ ۾ ڀهريون پيرو بدين ضلع جي شهر ٻڊو ڦمبراڻي ۾ وسڪي چرس سرعام هلڻ لڳو جنهن ڪري نوجوان نسل پڻ منشيات جو عادي ٿي ويو آهي.

پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ تيزي جو سلسلو جاري، انڊيڪس ۾ 2600 کان وڌيڪ پوائنٽس جو اضافو

ڪراچي (م د) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جي 100 انڊيڪس ۾ سال جي ٻئي ڏينهن تي زبردست ريلي نظر اچي رهي آهي. سال جي ڪاروباري هفتي جي ٻئي ۽ آخري ڏينهن تي ڪاروبار جي شروعات مثبت انداز ۾ ٿي ۽ 100 انڊيڪس 179,000 کي پار ڪري ويو هڪ موقعي تي 100 انڊيڪس 2,661 پوائنٽس جي واڌ سان 179,016 تي واپار ڪندي ڏٺو ويو ۽ ڀهرين سيشن جي آخر ۾، انڊيڪس 178,504 پوائنٽس تي معطل ٿي ويو ۽ مارڪيٽ ۾ 570 ملين شيئرز 32 ارب روپين ۾ واپار ڪيا ويا. ياد رهي ته گذريل ڏينهن پي ايس ايڪس 100 انڊيڪس 2,300 پوائنٽس جي واڌ کان پوءِ 176,355 پوائنٽس تي بند ٿيو هو.

اوڊيرولال لڳ آخوند ڪرڪيٽ گرائونڊ تي چوٿين ڪرڪيٽ ٽورناميٽ جو افتتاح

اسان هر سال جيان هن سال به هي ڪرڪيٽ ٽيپ بال ٽورنامينٽ رکرايو آهي: موسيٰ جماڻي

اسان رانڊ روند ڪرائي نوجوان نسل کي منشيات سميت ٻين برائين کان بچائڻ چاهيون ٿا

اوڊيرولال (ن ع) اوڊيرولال اسٽيشن ويجهو ڳوٺ گولو ميرجت ۾ آخوند ڪرڪيٽ گرائونڊ چوٿين ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو افتتاح ڪيو ويو ان موقعي تي آرگنائيزر موسيٰ جماڻي آر پي ايس جي اونر رحيم قلمتي بلوچ ۽ ٻين مهمانن شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته اسان هر سال جيان هن سال به هي ڪرڪيٽ ٽيپ بال ٽورنامينٽ رکرايو آهي پر هن ٽورنامينٽ جو مقصد ۽ هن ۾ جمع ٿيندڙ رقم عثمان شاهه مڙهي تي ڊبل روڊ تعمير دوران بلوچ برادري جي ٻي گهر غريب ۽ مسڪينن جي مالي سهائتا ۽ سخت سردي ۾ گهر ناهي ڏيڻ آهي. اسان ڪان جيترو ٿي سگهندو فنڊ گڏ ڪري ڪين زمين وٺي آباد ڪرڻ لاءِ آهي جنهن لاءِ جوڙيل ڪميٽي جنهن ۾ موسيٰ جماڻي محمد رحيم قلمتي بلوچ قيوم بلوچ پير محمد بلوچ اڪرم بلوچ غلام بلوچ مجيد ميرجت ۽ ٻيا شامل آهن. انهن وڌيڪ چيو اسان رانڊ روند ڪرائي نوجوان نسل کي منشيات سميت ٻين برائين کان بچائڻ چاهيون ٿا جنهن لاءِ اسان جو هي چوٿون ٽورنامينٽ آهي جنهن ۾ ڊسٽرڪ ليول سميت 20 ٽيمن حصو ورتو آهي.

اڊيرولال آخوند ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو افتتاح ڪيو پيو وڃي ٻئي طرف رانديگر ميچ جي ٽاري ڪئي

چانڊ صاحب ۾ معذورن پاران نوڪريون نه ملڻ خلاف احتجاج

ڪوٽا تي نوڪريون نه ملڻ ۽ ماهوار وظيفا جاري نه ٿيڻ خلاف معذورن دانهيو

مخصوص ڪوٽا موجود هجڻ باوجود به نوڪريون نٿيون ڏنيون وڃن: مظاهرين

چانڊ صاحب (ن ع) چانڊ صاحب ۾ معذورن پاران معذور ڪوٽا تي نوڪريون نه ملڻ، ماهوار وظيفا جاري نه ٿيڻ ۽ سرڪاري سهولتن جي کوٽ خلاف معذورن خادم حسين شيخ، عبدالمجتبا شرگاجي خان مري، سائين ڏنو پاران پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال ڪئي وئي، ان موقعي تي معذورن دانهيندي چيو ته سرڪاري طور معذورن لاءِ مخصوص ڪوٽا موجود هجڻ باوجود به نوڪريون نٿيون ڏنيون وڃن، جڏهن ته ڪيترائي مستحق معذور مالي وظيفن کان به محروم آهن اسان بار بار درخواستون ۽ دانهون ڪرڻ باوجود لاڳاپيل ادارا مسئلن تي ڌيان نٿا ڏين روزگار ۽ مالي سهائتا نه هئڻ سبب تمام فاقا ڪشي ۽ پريشانين واري زندگي گذاري رهيا آهيون. هن مهانگائي جي دور ۾ اسان پنهنجي ٻچن کي ٻن ويلن جي ماني کارائڻ لاءِ پريشان آهيون اسان معذورن جا جائز مسئلا حل نه ڪيا ويا ته احتجاج دائرو وسيع ڪيو ويندو.

چانڊ صاحب معذورن پاران نوڪريون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊياري ۾ ڳوٺ شاهه محمد ڪلوئي جي رهواسي پورهيت جو احتجاج

ڪنڊياري (ن ع) ڳوٺ شاهه محمد ڪلوئي جي رهواسي پورهيت الله بخش ڪلوئي دانهيندي چيو آهي ته بااثر وڏيرو اڪبر خان ڪلوئي ڇهن هٿيارٻند ماڻهن سان گڏ سندس گهر تي ڪاهه ڪئي چار ديواري جو تقدس پائمال ڪيو ۽ زبردستي گهر جي ٻني تڙي سرڪاري ڳوٺ شاهه محمد ڪلوئي جي حد اندر وڙ ڪرائي ستوٺ چانس ڪلوئي، حاجي موسيٰ ڪلوئي ۽ وارث ڪلوئي کي جان جو شديد خطرو لاحق آهي هن چيو ته بااثر ڏر جي ظلمن سبب هو ۽ سندس ڪٽنب خوف ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. متاثر پورهيت الله بخش ڪلوئي ايس پي سانگهڙ عابد بلوچ، پيرومل ٿاڻي جي ايس ايڇ او امير علي شاهاڻي ۽ ڪنڊياري ٿاڻي

سوڀوديرو ۾ بدفعلي جو شڪار ٿيل معصوم ٽينگر جي وارثن جو احتجاج

محمد ثقلين عرف علي عباس ملاح کي انصاف ڏيارڻ لاءِ وارثن پاران احتجاج ڪيو ويو

عورت کي استعمال ڪري مختلف طريقن سان بليڪ ميل ۽ حراسان ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

سوڀوديرو (ن ع) سوڀوديرو شهر جي لطيف ڪالوني ۾ بدفعلي جو شڪار ٿيل معصوم محمد ثقلين عرف علي عباس ملاح کي انصاف ڏيارڻ ۽ سندس وارثن کي ڪيس تان هٿ ڪڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف ملاح برادري شهرين ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن جو تعلقه پريس ڪلب سوڀوديرو اڳيان احتجاجي مظاهرو تفصيل موجب سوڀوديرو شهر جي لطيف ڪالوني ۾ بدفعلي جو شڪار 7 سالا معصوم محمد ثقلين عرف علي عباس ملاح کي انصاف ڏيارڻ ۽ وارثن کي ڪيس تان هٿ ڪڻ لاءِ ملندڙ موتمار ڌمڪين خلاف وارثن ۽ شهرين نعمت علي ملاح، غلام علي ملاح، ڪفايت الله شيخ، اسعاد لعلڻ چنه، مولانا مدد علي ملاح، غلام فريد عباسي مجاهد دريان، اسماعيل ڪمبوه، رياض حسين ملاح، نور محمد، احسان ميراڻي، محمد علي ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ تعلقه پريس ڪلب سوڀوديرو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي معصوم ٽينگر جي والد نعمت علي ملاح ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجي 7 سالا معصوم پٽ محمد ثقلين عرف علي عباس سان جوابدار امجد گوپانگ بدفعلي ڪئي جنهن خلاف سوڀوديرو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائي جوابدار گرفتار ڪرايو هاڻي جوابدار جي وارثن پاران ڪيس تان هٿ ڪڻ لاءِ مونکي ۽ منهنجي پاڻن کي ڏوهاري قسم جي ماڻهن کان موتمار ڪوڙا الزام هڻي ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن منهنجي معصوم پٽ سان ظلم ڪيو ويو آهي ۽ عورت کي استعمال ڪري مختلف طريقن سان بليڪ ميل ۽ حراسان ڪيو پيو وڃي جيڪا سراسر نا انصافي آهي هنن چيو ته مونکي يا منهنجي پاڻن کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار جوابدار جا ساٿاري هوندا مظاهرين انساني حقن جي تنظيمن ۽ ٻارن جي پروٽيڪشن جي تنظيمن ۽ سيشن جج خيرپور ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته ڪيس تان هٿ ڪڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏيندڙ جوابدار جي ساٿارين خلاف قانوني ڪاروائي ڪري معصوم پٽ سان زيادتي ڪندڙ جوابدار امجد گوپانگ کي ڦاسي جي سزا ڏياري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ نئين سال جي گڏجاڻي

شاگردن جي تعليمي بهتري ۽ تدريسي معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه

نئين سال جي موقعي تي شاگردن، استادن ۽ اداري جي ڪاميابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار

گهوٽڪي (ن ع) گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ نئين سال 2026 جي موقعي تي ڪاليج جي استادن ۽ عملي جي ڀهرين ميٽنگ ڪاليج جي پرنسپل پروفيسر عبدالحفيظ دايو جي صدارت هيٺ منعقد ٿي ميٽنگ جو آغاز سينئر پروفيسر عبدالباسط انڍڙ پاران تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو جڏهن ته ميٽنگ جي ڪارروائي اسٽاف سيڪريٽري پروفيسر پرويز احمد چاچڙ هلائي ميٽنگ دوران شاگردن جي تعليمي بهتري ۽ تدريسي معاملن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون پروفيسر صاحبان تي زور ڏنو ويو ته ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ سنڌ جي مقرر ڪيل پيٽرن موجب شاگردن کي MDCAT ۽ ECAT امتحان جي تياري ڪرائي وڃي، جيئن بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن. ميٽنگ ۾ شرڪت ڪندڙن هن عزم جو اظهار ڪيو ته هن قدمن سان نه رڳو شاگردن جو مستقبل روشن ٿيندو پر اسعاد جي پيشه ورانه ساک ۽ اداري جو وقار پڻ وڌندو آخر ۾ نئين سال جي موقعي تي شاگردن، استادن ۽ اداري جي ڪاميابي ۽ ترقي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو.

گهوٽڪي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جو پرنسپل پروفيسر عبدالحفيظ دايو گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

ڳاڙهو پريس ڪلب جي ساليانو چونڊ ٿي گذري

ڳاڙهو (ن ع) پريس ڪلب ڳاڙهو جي 2026ع جي نئين باڊي سينئر صحافي عبدالله راڄڙ جي سربراهي ۾ اتفاق راءِ سان چونڊجي وئي جنهن ۾ صدر عزيز لاشاري، نائب صدر صدام سنڌي، جنرل سيڪريٽري منظور احمد عارفاڻي، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري جاويد علي خاصخيلي، خزانچي غلام نبي خاصخيلي، اطلاع سيڪريٽري شاهنواز راڄڙ ۽ آفيس

فلسطيني جهنڊو جو لڳايو؟ والاريل ڪشمير جي ڪرڪيٽر خلاف ٻاهر ٻري رهي

سرينگر (م د) والاريل جمو ۽ ڪشمير ۾ فلسطين سان ايڪي جو اظهار هڪ ڀيرو ٻيهر تڪرار ۽ رياستي دٻاءَ جي وڙ چڙهي ويو آهي، جتي هڪ مقامي ڪرڪيٽر کي ميچ دوران پنهنجي هيلميٽ تي فلسطيني جهنڊو لڳائڻ سبب پوليس طلب ڪري ورتو. جمون ۽ ڪشمير چيمپئنز ليگ جي هڪ ميچ دوران مقامي

چانڊ صاحب ۾ جميل احمد شر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

اسان جو نوجوان قتل ڪيو ويو ۽ ان جا قاتل اڃان تائين گرفتار ناهن ٿيا: وارث

هٿيار ڪٽي اسان کي حراسان ڪري ڪيس تان هٿ ڪڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون آهن

چانڊ صاحب (ن ع) ٻه مهينا اڳ سانگهڙ کان ڪڏڙو پرسان 13 جمڙائو جيلر ڳوٺ ايندي سنجهورو ٿاڻي جي حد ۾ هٿيارٻندن وڏيرو جميل شر کان موٽر سائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن تي مزاحمت ڪرڻ تي موٽر سائيڪل سوار جميل احمد شر کي سڌيون ڳوليون هڻي قتل ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ وارثن پاران سنجهورو ٿاڻي تي سجاتل ساٿهن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائي پر پوليس هڪ به جوابدار گرفتار نه ڪرڻ خلاف وارثن حبدار شر، منصور شر، عبدالستار شر، عزيزالله شر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته ڪجهه مهينا اڳ اسان جو نوجوان قتل ڪيو ويو ۽ ان جا قاتل اڃان تائين گرفتار ناهن ٿيا ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪيسن واپس وٺڻ لاءِ ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون. قاتل اسان پاڻي جي واري ته هٿيار ڪٽي اسان کي حراسان ڪري ڪيس تان هٿ ڪڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون آهن اسان آئي جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد کان مطالبو ٿا ڪيون ته اسان جي شهيد نوجوان جميل احمد شر جي قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ اسان غريبن کي حراسان ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

چانڊ صاحب جميل احمد شر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

واهه بند ڪري شهرين کي پاڻي کان محروم ڪيو ويو آهي: دوست علي لغاري

واهن جي صفائي جي ضرورت يقينن آهي، پر اها ڪٿي معمولي طور ٿيندي آهي

صفائي جي نالي هر سال وانگر هن سال به ڪروڙين رپيا هڙپ ڪرڻ لاءِ ڊرامو ڪيو ويو آهي

حيدرآباد (ن ع) پورهيت مزاحمت تحريڪ حيدرآباد جي اڳواڻ دوست علي لغاري، امتياز چلگري، گلزار لغاري، اعجاز چلگري، مسوريڙي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته واهن جي صفائي جي نالي هر سال وانگر هن سال به ڪروڙين رپيا هڙپ ڪرڻ لاءِ واهن ۾ پاڻي بند ڪري شهرين کي پاڻي کان محروم ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته واهن جي صفائي جي ضرورت يقينن آهي پر اها ڪٿي معمولي طور ٿيندي آهي ڪٿي بلڪل نه پر اڪثر صرف بل ٺهندا آهن ۽ سنڌ جي عوام جا پيسا ڳڙڪائڻ لاءِ هي بهانو ٺاهيو ويندو آهي ان سلسلي ۾ اڏ سنڌ کي پيئڻ ۽ زندگيءَ جي ضرورتن لاءِ 15 ڏينهن لاءِ پاڻيءَ کان محروم ڪيو ويندو آهي اها حقيقت سموري سنڌ ڄاڻي ٿي ته اڏ کان وڌيڪ سنڌ ۾ جر جو پاڻي کارو ته ڇا پر ڪوڙو هئڻ ڪري واهن جو پاڻي استعمال ڪيو ويندو آهي. هر سال وانگر هن سال به واهن جي صفائي جي بهاني سان حيدرآباد جهڙي وڏي شهر سميت پوري حيدرآباد ڊويزن، ميرپورخاص ڊويزن ۽ اڏ نوابشاهه ڊويزن جي شهرين ۽ ٻهراڙين کي پاڻي کان محروم ڪيو ويو آهي پورهيت مزاحمت تحريڪ مطالبو ٿي ڪري ته فوري طور پاڻي ڏنو وڃي ۽ عام عوام جي تڪليف دور ڪئي وڃي.

جاتي ۾ نئين سال جي شروعات ٿيندي ئي چورن جي پوليس کي سلامي

محتسب اعليٰ جي کلي ڪچهري ۾ شڪايتن باوجود پوليس وارداتن تي ضابطو نه آڻي سگهي

ڏوهي وارداتن تي ضابطو آڻي ڦر ۽ چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي: شهرين جو مطالبو

جاتي (ن ع) نئين سال شروع ٿيندي ئي جاتي تعلقي ۾ ڦورن ۽ چورن رڻ ٻاري ڇڏيو نئي سال جي ڀهرين رات جاتي چڇ جهان خان روڊ تي نامعلوم ڦورن رستا روڪ ڪري هٿيارن جي زور تي گلشير ملاح ۽ سڪندر ملاح کان موٽرسائيڪل موبائيل فون ڪيش رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. جاتي ٻارڻ آباد روڊ تي آمرجي اسٽاپ وٽ نامعلوم ڦورن شادي ڪائي موٽندڙ شهر جي واپاري سيف الله ميمڻ مرغي وارو پنجابي ملاح ۽ ٻين کان هٿيارن جي زور تي موبائيل ڪيش ڦر ڪري هاءِ روڦ ڪيري هٿيارن جي زور ڦري فرار ٿي ويا جنهن کي مالڪ ٽريڪٽر جي مدد سان ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر مان ڪراچي پوليس جي مدد سان گڏ هٿ ڪري پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شڪيل رزاق لوهار جي گهر اڳيان بيٺل موٽرسائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا جاتي پوليس کي اطلاع ڪرڻ باوجود جاءِ واردات تي اچڻ کان لنوائيندي رهي پاڙيسرين ۽ صحافين جي احتجاج کان پوءِ ايڊيشنل ايس ايڇ او جاتي ۽ هڪ سپاهي جاءِ واردات تي پهچي جائزو ورتو صحافين پاران واقعي جي رپورٽ ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي هوڏانهن جاتي تعلقي ۾ ڏوهي وارداتن تي ضابطو نه اچڻ ڪري ناراضگي سان گڏ بيچيني پڻ آهي ايس ايس پي ضلعي سجاول جي صدر ڪامريڊ محمد اشرف ٿهيم عبدالرزاق ٿهيم سليم ميمڻ سانوڻ لودو ۽ جاتي جي صحافين علمي ادبي سياسي سماجي ڌرين ڊي آئي

آمريڪا جو وينزويلا تي حملو، صدر ۽ سندس زال جي گرفتاري

فريد احمد

دنيا ۾ 8 جنگون روڪرائڻ جي دعويٰ ڪندڙ آمريڪي صدر ڊونالڊ ٽرمپ جي حڪم تي آمريڪا جي فوج تيل جي سڀ کان وڏيڪ ذخيرن واري ملڪ وينز ويلا تي نيٺ حملو ڪري ڏنو ۽ صدر ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته حملي دوران وينز ويلا جي صدر ۽ سندس زال کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته وينز ويلا حڪومت جنگي امرجنسي لاڳو ڪري سمورين فوجن ۽ عوام کي گهرن مان نڪري صورتحال کي همٿ سان منهن ڏيڻ جي اپيل ڪري ڇڏي آهي.

ٻنهي ملڪن ۾ جاگرافيائي فاصلي وانگر نظرياتي فاصلن جي به هڪ وڏي تاريخ آهي.

آمريڪا ۽ وينز ويلا جاگرافيائي طور هڪ ٻئي کان گهڻو پري آهن. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪيريبين سمنڊ آهي. وينزويلا کان آمريڪا تائين زميني سفر ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي ملڪن مان گذرڻو پوندو، جن ۾ ڪولمبيا، پاناما، ڪوسٽا ريڪا، نيڪاراگوا، هونڊوراس، گوئٽي مالا ۽ ميڪسيڪو شامل آهن. جڏهن ته وينزويلا جي سمنڊ ڪناري کان آمريڪي رياست فلوريڊا جي ڏاکڻي ساموندي ڪنڌيءَ تائين هوائي فاصلو تقريباً 2,000 ڪلوميٽر آهي.

9 لک 12 هزار 50 چورس ڪلوميٽرن تي پکڙيل وينز ويلا دنيا ۾ ثابت ٿيل تيل جي سڀ کان وڏن (تقريبن 300 ارب بيرل) ذخيرن جو مالڪ آهي، جنهن ڪري ان جي عالمي توانائي مارڪيٽن انتهائي وڏي اهميت آهي. آمريڪي پابندين ۽ بلاڪ ٿيندڙن (تيل جي ذخيرن جي نيلامي ته جيئن آمريڪي پابندين کي منهن ڏئي سگهي) باوجود هو روزانو يارنهن لک بيرل تيل پيدا ڪري رهيو آهي، جنهن جو وڏو حصو چين ۽ هندستان ڏانهن موڪليو وڃي ٿو. آمريڪا چاهي ٿو ته وينزويلا جا تيل وارا وسيلا سندس (آمريڪي) منشا موجب عالمي مارڪيٽن تائين پهچن. جڏهن ته وينزويلا جي حڪومت ان کي پنهنجي خودمختياريءَ جو معاملو سمجهي ٿي. ٻنهي ملڪن ۾ سوشلزم ۽ سرمائيداري ۾ ٽڪراءُ وارو نظرياتي فرق آهي. وينز ويلا جي اڳوڻي صدر هيوگو شاويز جي وقت کان وٺي، وينزويلا "21 صدي جي سوشلزم" کي قبول ڪيو ۽ رسمي طور تي سوشلزم جي نظريي کي پنهنجي سرڪاري پاليسيءَ طور اختيار ڪيو ۽ ان جي اڳواٽي ڪرڻ شروع ڪئي. ان پاليسي يا سوشلزم تحت هيوگو شاويز آمريڪي سرمائيداراڻي نظام ۽ علائقي ۾ ان جي اثر جي مخالفت ڪئي هئي، جنهن ۾ ڪيوبا جو اڳوڻو صدر فيڊل ڪاسترو پڻ ساڻس چيله جي سندري وانگر گڏ هيو. هن وقت ٻئي اڳواڻ دنيا ۾ موجود نه آهن. شاويز جي جاءِ تي هن وقت نڪولس مادورو صدر آهي. جنهنجون پاليسيون ۽ روايتي اتحادَ آمريڪا لاءِ اک جو ڪنڊو رهندا آيا آهن. چاڪاڻ ته هن سوشلسٽ ملڪ جا اتحادي به آمريڪا جا روايتي مخالف ملڪ آهن، جن ۾ روس، چين ۽ ايران شامل آهن. جن سان وينزويلا جي گهري دفاعي ۽ معاشي سهڪار کي آمريڪا پنهنجي لاءِ "گهر جي اڱڻ" (لاطيني آمريڪا) ۾ هڪ وڏو سيڪيورٽي چيلينج سمجهي ٿو. هيوگو شاويز جي دور 1999 کان 2013 کان ٻنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپا خراب ٿيڻ شروع ٿيا. جڏهن شاويز آمريڪي پاليسين جي سخت مخالفت ڪئي ته 2002 ۾ سندس حڪومت خلاف آمريڪا بغاوت کي اپاريو پر اها بغاوت ناڪام ٿي. شاويز پنهنجي تقريرن ۾ ان ناڪام بغاوت جو الزام آمريڪا تي هڻندو رهيو.

وري نڪولس مادورو جي دور آمريڪا (2013-2024 دوران) وينز ويلا تي معاشي پابنديون سخت ڪيون. خاص طور تي 2017 ۽ 2019 ۾ تيل جي صنعت کي نشانو بڻايو.

ان ڪري پنهنجي روايتي انداز سان وينزويلا تي الزام هڻندو رهيو آهي. ۽ انهن الزامن ۾ هاڻوڪي آمريڪي صدر ڊونالڊ ٽرمپ شدت آندي آهي. آمريڪي انتظاميا صدر نڪولس مادورو ۽ سندس حڪومت تي "منشيات جي دهشتگردي" ۽ بين الاقوامي ڪارٽيل (ساڳيو مال ٺاهيندڙن/ وڪرو ڪندڙن جو ٽولو جيڪو پاڻ ۾ پٽ تي پنهنجا نفعا وڌائڻ لاءِ اگهه مقرر ڪندڙ) جي سرپرستي ڪرڻ جو الزام لڳائيندي رهي آهي. آمريڪا جا ٻيا الزام جمهوريت ۽ انساني حقن بابت آهن. آمريڪا وينزويلا جي چونڊن (خاص طور تي 2018 ۽ 2024) کي غير شفاف قرار ڏئي ٿو ۽ حڪومت تي انساني حقن جي ڀڃڪڙين جا الزام هڻندو رهي ٿو. جهڙي طرح عراق ۾ صدام حڪومت تي، افغانستان ۾ اڳوڻي طالبان حڪومت تي، لبيا ۾ قذافي حڪومت تي الزام هنيا ويا ۽ لڳاتار ايران تي به اهڙا ئي الزام هڻندو رهي ٿو پر ايران سان گهٽي ڪنئوس ڪرڻ کان لنوائي ٿو باوجود ان جي جو صدر ٽرمپ ٻه ڏينهن اڳ ايران ۾ احتجاج ڪندڙن تي ڏاڍ ٿيڻ جي صورت ۾ ايران اندر داخل ٿيڻ جي ڌمڪي ڏني. جنهنجي جواب ۾ ايراني حڪومت جو سخت بيان آيو ته 'ايران ڏانهن وڌندڙ هٿ ڪپيو ويندو.' ان بعد آمريڪا جو وري ڪو ڌيان ڇڪائڻ جهڙو بيان ناهي آيو.

بهرحال وينز ويلا خلاف آمريڪي فوجي سرگرميون گذريل ڊسمبر 2025 کان تيز ٿي ويون هيون. جن مان اندازو هو ته صورتحال ڳنڀير شڪل اختيار ڪندي چاڪاڻ ته آمريڪا ڪيريبين سمنڊ ۾ منشيات جي خلاف آپريشن جي نالي تي وينزويلا لڳ ساموندي فوج مقرر ڪئي ۽ وينز ويلا جي ڪيترن ئي ساموندي جهازن خلاف ڪاروائي ڪئي هئي. هاڻي آمريڪا وينزويلا ۾ وڏي پيماني تي حملو ڪيو آهي. جنهن ۾ صدر نڪولس مادورو ۽ سندس زال کي گرفتار ڪري ملڪ کان ٻاهر منتقل ڪيو ويو آهي. آمريڪي فوج وينزويلا جي گادي واري هنڌ سميت مختلف هنڌن تي ميزائل حملا ڪيا آهن. وينزويلا جي گادي واري هنڌ ڪاراڪاس ۾ 7 ڌماڪا ٿيا ۽ شهر جي مختلف علائقن ۾ آمريڪا جا جنگي جهاز هيٺائين اڏام هڻندا ۽ حملا ڪندا رهيا. آمريڪي ميڊيا موجب، آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وينزويلا ۾ حملن جو حڪم ڏنو آهي ۽ وينزويلا جي گاديءَ واري هنڌ ڪاراڪاس ۾ گهٽ ۾ گهٽ 7 ڌماڪا ٿيا آهن. وينزويلا حڪومت تصديق ڪئي ته حملا ڪاراڪاس، ميرانڊا، اراگوا ۽ لاگويرا رياستن ۾ ٿيا آهن. "انهن آمريڪي حملن جو مقصد وينزويلا جي تيل ۽ معدنيات تي قبضو ڪرڻ آهي. پر آمريڪا کي ڪاميابي حاصل نه ٿيندي" حملن بعد وينزويلا حڪومت ملڪ ۾ هنگامي حالت جو اعلان ڪيو جنهن بعد روسي ميڊيا خبر ڏني ته آمريڪي حملي وينزويلا جي دفاعي هيڊ ڪوارٽر کي نشانو بڻايو آهي ۽ وينزويلا جو صدر صدارتي محل ڇڏي ويو آهي. روسي ميڊيا جو چوڻ هو ته آمريڪي ساموندي فوج پاران وينزويلا جي ڪيترن ئي هيٺين تي زميني ڪارروائي شروع ڪرڻ جا اطلاع پڻ مليا آهن.

وينزويلا ۾ جاري ڪيل هڪ سرڪاري بيان ۾ صدر مادورو جي حمايتين کي روڊن تي نڪري اچي مڙس ٿي منهن ڏيڻ لاءِ چيو ويو آهي. ملڪ جون عام هوائي اڏامون بند ڪيون ويون آهن. گاديءَ واري شهر ڪاراڪاس ۾ ڌماڪن کان پوءِ مختلف علائقن ۾ ماڻهو پنهنجن گهرن مان ٻاهر نڪري آيا آهن. ملڪ ۾ افرا تفري پکڙيل آهي.

آمريڪي صدر ڊونالڊ ٽرمپ حملن جي تصديق ڪندي چيو آهي ته "صدر وينزويلا جي صدر مادورو ۽ سندس زال کي گرفتار ڪري ملڪ کان ٻاهر منتقل ڪيو ويو آهي." بهرحال وينز ويلا جي حڪومت عالمي برادريءَ کان مطالبو ڪيو آهي ته صدر نڪولس مادورو ۽ سندس زال زنده سلامت هجڻ جو ثبوت ڏنو وڃي ۽ اهو به ٻڌايو وڃي ته اهي هن وقت ڪٿي آهن.

ٻئي پاسي آمريڪي ميڊيا رپورٽ ڏني آهي ته "وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو کي آمريڪي فوج جي اعليٰ اسپيشل يونٽ 'ڊيلٽا فورس' گرفتار ڪيو آهي." آمريڪي اٽارني جنرل 7 آگسٽ 2025 تي وينزويلا جي صدر کي گرفتار ڪرڻ لاءِ 50 ملين ڊالر انعام جو اعلان ڪيو هو. آمريڪي ريپبلڪن سينيٽر مائيڪ لي جو چوڻ آهي ته هن آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو سان فون تي ڳالهايو آهي. جنهن ٻڌايو آهي ته "وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو کي ڏوهاري الزامن کي منهن ڏيڻ لاءِ گرفتار ڪيو ويو آهي."

آمريڪي حملن کانپوءِ ٻنهي ملڪن وچ ۾ تڪرار هاڻي صرف سفارتي يا معاشي نه رهيو آهي، پر سڌي فوجي مداخلت جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. سڄي دنيا جو آمريڪا جي اهڙي ڪارروائيءَ ڏانهن ڌيان ڇڪجي ويو آهي. ڪولمبيا جي صدر وينز ويلا تي آمريڪي ڪاهه واري معاملي تي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو اجلاس سڏائڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

آمريڪا جي اهڙي ڪارروائي مهذب دنيا لاءِ ڳڻتيءَ جوڳو عمل آهي. دنيا هيتري ترقي ڪري چڪي آهي. تڏهن به صديون اڳ وانگر ڏنُ نه ملڻ تان عالمي سامراج طرفان ملڪن تي ڪاهه ڪرڻ ۽ حڪومتن کي تبديل ڪرڻ ۽ پنهنجا پنو ويهارڻ جو عمل جاري آهي!

وينز ويلا جي صدر نڪولس مادورو ٻه ڏينهن اڳ نشر ٿيل پنهنجي رڪارڊ ڪيل انٽرويو ۾ چيو هو ته آمريڪا زوريءَ حڪومت جي تبديلي مڙهي ۽ اسان جي تيل وارن وسيع ذخيرن تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو. جنهن لاءِ هن دٻاءَ واري مهم شروع ڪندي آگسٽ کان ڪيريبين سمنڊ ۾ هڪ وڏي پيماني تي فوج مقرر ڪئي آهي.

ڏهرڪي شهر ۾ مسافرن لاءِ بس ٽرمينل يا انتظارگاهه قائم نه ٿي سگهي، مشڪلاتون درپيش

بس ٽرمينل نه هجڻ سبب هر ٽرانسپورٽرن روڊن، چوڪن ۽ گهٽيل آبادي وارن علائقن ۾ اڏا قائم ڪري ڇڏيا

مسافرن جي ويهڻ، انتظار ڪرڻ، واش روم ۽ ٻين بنيادي سهولتن لاءِ ڪو به منظم بندوبست نه هجڻ ڪري مشڪلاتون

عورتن، بزرگن ۽ ٻارن کي گرمي، سردي ۽ برسات ۾ کليل آسمان هيٺ بسن جو انتظار ڪرڻو پوي ٿو مسئلو حل ڪرايو وڃي: شهري

ڏهرڪي (ن ع) ڏهرڪي شهر ۾ مسافرن لاءِ بس ٽرمينل ۽ انتظارگاهه جي کوٽ هزارين شهري پريشانين جو شڪار. تفصيل موجب ڏهرڪي شهر ۾ مسافرن جي سهولت لاءِ اڄا تائين ڪو به باقاعده بس ٽرمينل يا انتظارگاهه قائم نه ٿي سگهي آهي جيڪو هاڻي هڪ سنگين ۽ ديرينه مسئلو بڻجي ويو آهي. ڏهرڪي مان روزاني بنياد تي نه رڳو سنڌ پر پنجاب جي مختلف شهرن ڏانهن پڻ مسافر بسون روانيون ٿين ٿيون ۽ هزارين شهري ڏهرڪي شهر کان ٻاهر سفر ڪن ٿا. افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته مسافرن جي ويهڻ، انتظار ڪرڻ، واش روم ۽ بنيادي سهولتن لاءِ ڪو به منظم بندوبست موجود ناهي. بس ٽرمينل نه هجڻ سبب هر ٽرانسپورٽر پنهنجي مرضي سان روڊن، چوڪن ۽ گهٽيل آبادي وارن علائقن ۾ بسون بيهاري غير رسمي بس اڏا قائم ڪري ڇڏيا آهن جنهن جي نتيجي ۾ نه رڳو ٽريفڪ جا مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن پر شهرين کي به سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. عورتن، بزرگن ۽ ٻارن کي گرمي، سردي ۽ برسات ۾ کليل آسمان هيٺ بسن جو انتظار ڪرڻو پوي ٿو. جڏهن ته پيئڻ جي پاڻي، واش روم ۽ انتظارگاهه جهڙيون بنيادي سهولتون به ميسر ناهن. ٻئي پاسي ٽرانسپورٽر پڻ انتظامي کوٽ سبب مشڪلاتن ۾ آهن چاڪاڻ ته نه ڪا مستقل جاءِ آهي ۽ نه ئي ڪو واضح نظام. شهرين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڏهرڪي جهڙي اهم شهر ۾ هڪ باقاعده بس ٽرمينل ۽ مسافر انتظارگاهه قائم ڪئي وڃي ته نه رڳو عوام کي سهولت ملندي پر شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني به بهتر ٿيندي ۽ ٽرانسپورٽ جو نظام به منظم ٿي سگهندو. عوامي حلقن ضلعي انتظاميا، بلدياتي ادارن ۽ لاڳاپيل عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته هن ديرينه مسئلي جو فوري نوٽيس وٺي ڏهرڪي ۾ جديد سهولتن سان ليس بس ٽرمينل ۽ مسافر انتظارگاهه قائم ڪئي وڃي ته جيئن عوام کي رليف ملي سگهي.

چام صاحب ۾ جميل احمد شر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

اسان جو نوجوان قتل ڪيو ويو ۽ ان جا قاتل اڃان تائين گرفتار ناهن ٿيا: وارث

هٿيار ڪٽي اسان کي حراسان ڪري ڪيس تان هٿ ڪڻڻ جون ڌمڪيون ڏنيون وڃن پيون آهن

چام صاحب(ن ع) ٻه مهينا اڳ سانگهڙ کان ڪڏڙو پرسان 13 جمڙائو جيلر ڳوٺ اينڊي سنجهورو ٿاڻي جي حد ۾ هٿيارٻندن وڏيرو جميل شر کان موٽر سائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن تي مزاحمت ڪرڻ تي موٽر سائيڪل سوار جميل احمد شر کي سڌيون گوليون هڻي قتل ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ وارثن پاران سنجهورو ٿاڻي تي سڃاتل ماڻهن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائي ۾ پوليس هڪ به جوابدار گرفتار نه ڪرڻ خلاف وارثن حبدار شر منصور شر عبدالستار شر عزيزالله شر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته ڪجهه مهينا اڳ اسان جو نوجوان قتل ڪيو ويو ۽ ان جا قاتل اڃان تائين گرفتار ناهن ٿيا ۽ اڄ ٻيهر اهي قاتل اسان پاڻي جي واري وڃي رهيا هئاسين ته هٿيار ڪٽي اسان کي حراسان ڪري ڪيس تان هٿ ڪڻڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون آهن اسان آئي جي سنڌ ۽ ڊي آئي جي شهيد بينظيرآباد کان مطالبو ٿا ڪيون ته اسان جي شهيد نوجوان جميل احمد شر جي قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ اسان غريبن کي حراسان ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

چام صاحب جميل احمد شر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

واهه بند ڪري شهرين کي پاڻي کان محروم ڪيو ويو آهي: دوست علي لغاري

واهن جي صفائي جي ضرورت يقينن آهي، پر اها ڪٿي معمولي طور ٿيندي آهي

صفائي جي نالي هر سال وانگر هن سال به ڪروڙين رپيا هڙپ ڪرڻ لاءِ ڊرامو ڪيو ويو آهي

حيدرآباد(ن ع) پورهيت مزاحمت تحريڪ حيدرآباد جي اڳواڻ دوست علي لغاري امتياز چلگري گلزار لغاري، اعجاز چلگري مسويرگوٺ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته واهن جي صفائي جي نالي هر سال وانگر هن سال به ڪروڙين رپيا هڙپ ڪرڻ لاءِ واهن ۾ پاڻي بند ڪري شهرين کي پاڻي کان محروم ڪيو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته واهن جي صفائي جي ضرورت يقينن آهي پر اها ڪٿي معمولي طور ٿيندي آهي ڪٿي بلڪل نه ٿي پر اڪثر صرف بل ٺهندا آهن ۽ سنڌ جي عوام جا پيسا ڳڙڪائڻ لاءِ هي بهانو ٺاهيو ويندو آهي ان سلسلي ۾ اڄ سنڌ کي پيئڻ ۽ زندگيءَ جي ضرورتن لاءِ 15 ڏينهن لاءِ پاڻيءَ کان محروم ڪيو ويندو آهي اها حقيقت سموري سنڌ ڄاڻي ٿي ته اڄ ڪالهه وڌيڪ سنڌ ۾ جر جو پاڻي ڪارو ته ڇا ۾ ڪوڙو هئڻ ڪري واهن جو پاڻي استعمال ڪيو ويندو آهي هر سال وانگر هن سال به واهن جي صفائي جي بهاني سان حيدرآباد جهڙي وڏي شهر سميت پوري حيدرآباد ڊويزن، ميرپورخاص ڊويزن ۽ اڌ نوابشاه ڊويزن جي شهرن ۽ ٻهراڙين کي پاڻي کان محروم ڪيو ويو آهي. پورهيت مزاحمت تحريڪ مطالبو ٿي ڪري ته فوري طور پاڻي ڏنو وڃي ۽ عام عوام جي تڪليف دور ڪئي وڃي

جاتي ۾ نئين سال جي شروعات ٿيندي ئي چورن جي پوليس کي سلامي

محتسب اعليٰ جي کلي ڪچهري ۾ شڪايتن باوجود پوليس وارداتن تي ضابطو نه آڻي سگهي

ڏوهي وارداتن تي ضابطو آڻي ڦر ۽ چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي: شهرين جو مطالبو

جاتي(ن ع) نئين سال شروع ٿيندي ئي جاتي تعلقي ۾ ڦورون ۽ چورن رڻ ٻاري ڇڏيو نئين سال جي پهرين رات جاتي چچ جهان خان روڊ تي نامعلوم ڦورون رستا روڪ ڪري هٿيارن جي زور تي گلشير ملاح ۽ سڪندر ملاح کان موٽرسائيڪل موبائيل فون ڪيش رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. جاتي ٻارڻ آباد روڊ تي آمرجي اسٽاپ وٽ نامعلوم ڦورون شادي ڪائي موٽندڙ شهر جي واپاري صيف الله ميمڻ مرضي وارو پنجابي ملاح ۽ ٻين کان هٿيارن جي زور تي موبائيل ڪيش ڦر ڪري هاءِ روڊ ڪيري هٿيارن جي زور ڦري فرار ٿي ويا جنهن کي مالڪ ٽريڪر جي مدد سان ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر مان ڪراچي پوليس جي مدد سان گڏ هٿ ڪري پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شڪيل رزاق لوهار جي گهر اڳيان بيٺل موٽرسائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا جاتي پوليس کي اطلاع ڪرڻ باوجود جاءِ واردات تي اچڻ کان لنوائيندي رهي پاڙيسرين ۽ صحافين جي احتجاج کان پوءِ ايڊيشنل ايس ايڇ او جاتي ۽ هڪ سپاهي جاءِ واردات تي پهچي جائزو ورتو صحافين پاران واقعي جي رپورٽ ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي هوڏانهن جاتي تعلقي ۾ ڏوهي وارداتن تي ضابطو نه اچڻ ڪري ناراضگي سان گڏ بيچيني پڻ آهي ايس ايس پي ضلعي سجاول جي صدر ڪامريڊ محمد اشرف ٿهيم عبدالرزاق ٿهيم سليم ميمڻ سانوڻ لودو ۽ جاتي جي صحافين علمي ادبي، سياسي سماجي ڌرين ڊي آئي [illegible]

ٿر جي وٽرنري ڊاڪٽرن طرفان ناانصافين خلاف احتجاج

چوپايو مال جي پالنا لاءِ شروع ڪيل پروجيڪٽ ۾ اڪثريت کي نظرانداز ڪيو ويو آهي: ڊاڪٽر

پروجيڪٽ لاءِ ڀرتيون به پبلڪ اشتهارن ذريعي شفاف طريقي سان نه ڪيون ويون آهن

مٺي (ڊ.ر) ٿرپارڪر ضلعي ۾ ٿر فائونڊيشن پاران چوپايو مال جي پالنا لاءِ شروع ڪيل پروجيڪٽ ۾ ناانصافين خلاف ٿر جي وٽرنري ڊاڪٽرن طرفان مٺي پريس ڪلب پهچي ميڊيا آڏو احتجاج ڪيو ويو آهي احتجاج ڪندڙ ڊاڪٽرن ڊاڪٽر شنڪر سنگهه سوڍو، ڊاڪٽر معشوق علي راهمون ڊاڪٽر امرت منڌاراڻي ڊاڪٽر دليپ ڪمار مٺي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ٿرپارڪر ۾ لڳ ڀڳ 70 لک چوپايو مال آهي، 64 يونين ڪائونسلون ۽ 2800 ڳوٺ آهن پر هي پروجيڪٽ صرف 20 ننڍن ڳوٺن ۾ شروع ڪيو ويو آهي جنهن ڪري 99 سيڪڙو چوپايو مال ۽ ٻيا ڪيترائي علائقا نظرانداز ٿي ويا آهن. هنن چيو ته پروجيڪٽ لاءِ ڀرتيون به پبلڪ اشتهارن ذريعي شفاف طريقي سان نه ڪيون ويون آهن پروجيڪٽ جا معاهدا پڻ پبلڪ ناهن ڪيا ويا ۽ من پسند ماڻهن کي بغير ڪنهن طريقيڪار جي ڀرتي ڪيا ويا آهن.

ان کان علاوه سرڪاري ڊاڪٽرن کي "ڊيوئل جاب" (ٻٽي نوڪري) ڏني وئي آهي جيڪو غير اخلاقي ۽ غير قانوني آهي. هنن مطالبو ڪيو آهي ته پروگرام جي آڊٽ ڪرائي وڃي ۽ ڊاٽو وڌايو وڃي. پروجيڪٽ جا معاهدا ۽ اشتهار عوام آڏو آندا وڃن. غير قانوني ڀرتيون رد ڪري نوان اشتهار جاري ڪيا وڃن ۽ ميرٽ جي بنياد تي ڀرتي ڪيا وڃن. پروجيڪٽ ۾ مقامي ماڻهن ۽ ماهرن کي ترجيح ۽ موقعا ڏنا وڃن. ٿر جي وٽنري ڊاڪٽرن ٻڌن اپيل ڪئي آهي ته ميڊيا، ڊسٽرڪٽ بار، سيشن جج، ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر، چونڊيل عوامي نمائندا ۽ سول سوسائٽي اسانجو ساٿ ڏين جيڪڏهن اسانجا مطالبا منظور نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. هنن چيو ته اسان جو مقصد ٿرپارڪر جي عوام جي حقن جي تحفظ ڪرڻ آهي. اسان مطالبو ڪيون ٿا ته پروجيڪٽ جا معاهدا ۽ اشتهار عوام آڏو آندا وڃن ۽ غير قانوني ڀرتيون رد ڪيون وڃن.

مٺي وٽرنري ڊاڪٽر ٿر فائونڊيشن جي پاليسي خلاف پريس ڪلب مٺي ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيا آهن.

ٽنڊو غلام علي ٿاڻي جي حد ٻيڙوقمبراڻي ۽ آسپاس جي علائقن ۾ امن جو پکي اڏامي ويو

بدامني عروج تي هجڻ ڪري چورين روز جو معمول بڻجي ويون، منشيات ۽ جوا منٿلي عيوض سرعام هلڻ لڳي

بدامني ۽ منشيات ڪيترائي گهر اجاڙي ڇڏيا، سالن کان پوٽارن جا رکرايل انچارج مقرر ڪاهه ڪاروائي ڪرڻ کان قاصر

مهانگائي غريبن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آ ته ٻيو وري چورين ۽ منشيات فروشن ۽ جوارين به تباهي ڪري ڇڏي آهي: رهواسي

ٻيڙوقمبراڻي(ن ع) ٽنڊوغلام علي ٿاڻي جي حد ٻيڙوقمبراڻي ۽ انجي آسپاس ڳوٺ منشيات ۽ جوا جو مرڪز بڻجي ويا ڪافي عرصي کان سياسي پوٽارن جا رکرايل انچارج لکين روپيه هفتو وصول ڪرڻ لڳا هر آئي ڏينهن چورين روز جو معمول بڻيل صفينا وسڪي چرس جوا ڪيترائي گهر اجاڙي ڇڏيا پر ايس ايس پي بدين ڪوبه نوٽيس نه ورتو سياسي مداخلت سبب ايس ايس پي به بيوس بڻيل منشيات جي سرعام هلڻ سان پوليس به آرام سان ستل جنهن ڪري چوريون روز جو معمول بڻجي ويون پر افسوس هڪ اڳي مهانگائي غريبن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آ ته ٻيو وري چورين ۽ منشيات فروشن ۽ جوارين به تباهي ڪري ڇڏي آهي تاريخ ۾ پهرين پيرو بدين ضلع جي شهر ٻيڙوقمبراڻي ۾ وسڪي چرس سرعام هلڻ لڳو جنهن ڪري نوجوان نسل پڻ منشيات جو عادي ٿي ويو آهي

پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ تيزي جو سلسلو جاري، انڊيڪس ۾ 2600 کان وڌيڪ پوائنٽس جو اضافو

ڪراچي(م د) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جي 100 انڊيڪس ۾ سال جي ٻئي ڏينهن تي زبردست ريلي نظر اچي رهي آهي. سال جي ڪاروباري هفتي جي ٻئي ۽ آخري ڏينهن تي ڪاروبار جي شروعات مثبت انداز ۾ ٿي ۽ 100 انڊيڪس 179,000 کي پار ڪري ويو. هڪ موقعي تي، 100 انڊيڪس 2,661 پوائنٽس جي واڌ سان 179,016 تي واپار ڪندي ڏٺو ويو ۽ پهرين سيشن جي آخر ۾، انڊيڪس 178,504 پوائنٽس تي معطل ٿي ويو ۽ مارڪيٽ ۾ 570 ملين شيئرز 32 ارب رپين ۾ واپار ڪيا ويا. ياد رهي ته گذريل ڏينهن پي ايس ايڪس 100 انڊيڪس 2,300 پوائنٽس جي واڌ کان پوءِ 176,355 پوائنٽس تي بند ٿيو هو.

اڏيرولال لڳ آخوند ڪرڪيٽ گرائونڊ تي چوٿين ڪرڪيٽ ٽورناميٽ جو افتتاح

اسان هر سال جيان هن سال به هي ڪرڪيٽ ٽيپ بال ٽورناميٽ رکرايو آهي: موسيٰ جماڻي

اسان راند روند ڪرائي نوجوان نسل کي منشيات سميت ٻين برائين کان بچائڻ چاهيون ٿا

اڏيرولال(ن ع) اڏيرولال اسٽيشن ويجهو ڳوٺ گولو ميرجت ۾ آخوند ڪرڪيٽ گرائونڊ چوٿين ڪرڪيٽ ٽورناميٽ جو افتتاح ڪيو ويو ان موقعي تي آرگنائيزر موسا جماڻي آر پي ايس جي اونر رحيم قلمتي بلوچ ۽ ٻين مهمانن شرڪت ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته اسان هر سال جيان هن سال به هي ڪرڪيٽ ٽيپ بال ٽورناميٽ رکرايو آهي پر هن ٽورناميٽ جو مقصد ۽ هن ۾ جمع ٿيندڙ رقم عثمان شاه هڙي تي ڊبل روڊ تعمير دوران بلوچ برادري جي ٻي گهر غريب ۽ مسڪينن جي مالي سهائتا ۽ سخت سردي ۾ گهر ناهي ڏيڻ آهي اسان کان جيترو ٿي سگهندو فنڊ گڏ ڪري ڪين زمين وٺي آباد ڪرڻ لاءِ آهي جنهن لاءِ جوڙيل ڪميٽي جنهن ۾ موسا جماڻي محمد رحيم قلمتي بلوچ قيوم بلوچ پير محمد بلوچ اڪرم بلوچ غلام بلوچ مجيد ميرجت ۽ ٻيا شامل آهن انهن وڌيڪ چيو اسان راند روند ڪرائي نوجوان نسل کي منشيات سميت ٻين برائين کان بچائڻ چاهيون ٿا جنهن لاءِ اسان جو هي چوٿون ٽورناميٽ آهي جنهن ۾ ڊسٽرڪ ليول سميت 20 ٽيمون حصو ورتو آهي

اڏيرولال آخوند ڪرڪيٽ ٽورناميٽ جو افتتاح ڪيو پيو وڃي ٻئي طرف رانديگر ميچ جي ٽاس ڪٽي

چام صاحب ۾ معذورن پاران نوڪريون نه ملڻ خلاف احتجاج

ڪوٽا تي نوڪريون نه ملڻ ۽ ماهوار وظيفا جاري نه ٿيڻ خلاف معذورن دانهيو

مخصوص ڪوٽا موجود هجڻ باوجود به نوڪريون نٿيون ڏنيون وڃن: مظاهرين

چام صاحب(ن ع) چام صاحب ۾ معذورن پاران معذور ڪوٽا تي نوڪريون نه ملڻ ماهوار وظيفا جاري نه ٿيڻ ۽ سرڪاري سهولتن جي کوٽ خلاف معذورن خادم حسين شيخ عبدالمجتبا شرڳاجي خان مري، سائين ڏنو پاران پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال ڪئي وئي، ان موقعي تي معذورن دانهيندي چيو ته سرڪاري طور معذورن لاءِ مخصوص ڪوٽا موجود هجڻ باوجود به نوڪريون نٿيون ڏنيون وڃن. جڏهن ته ڪيترائي مستحق معذور مالي وظيفن کان به محروم آهن اسان بار بار درخواستون ۽ دانهون ڪرڻ باوجود لاڳاپيل ادارا مسئلن تي ڌيان نٿا ڏين روزگار ۽ مالي سهائتا نه هئڻ سبب تمام فاقا ڪشي ۽ پريشانين واري زندگي گذاري رهيا آهيون.هن مهانگائي جي دور ۾ اسان پنهنجي ٻچن کي ٻن ويلن جي ماني کائڻ لاءِ پريشان آهيون اسان معذورن جا جائز مسئلا حل نه ڪيا ويا ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

چام صاحب معذورن پاران نوڪريون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊياري ۾ ڳوٺ شاهه محمد ڪلوئي جي رهواسي پورهيت جو احتجاج

ڪنڊياري(ن ع) ڳوٺ شاهه محمد ڪلوئي جي رهواسي پورهيت الله بخش ڪلوئي دانهيندي چيو آهي ته بااثر وڏيرو اڪبر خان ڪلوئي ڇهن هٿيارٻند ماڻهن سان گڏ سندس گهر تي ڪاهه ڪئي چار ديواري جو تقدس پائمال ڪيو ۽ زبردستي گهر جي ٻني توڙي سرڪاري ڳوٺ شاهه محمد ڪلوئي جي حد اندر رڻ ڪرائي سئوٽ چامن ڪلوئي حاجي موسيٰ ڪلوئي ۽ وارث ڪلوئي کي جان جو شديد خطرو لاحق آهي هن چيو ته بااثر ڌر جي ظلمن سبب هو ۽ سندس ڪٽنب خوف ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. متاثر پورهيت الله بخش ڪلوئي ايس پي سانگهڙ عابد بلوچ، پيرومل ٿاڻي جي ايس ايڇ او امير علي شاهاڻي ۽ ڪنڊياري ٿاڻي [illegible]

سوڀوديرو ۾ بدفعلي جو شڪار ٿيل معصوم نينگر جي وارثن جو احتجاج

محمد ثقلين عرف علي عباس ملاح کي انصاف ڏيارڻ لاءِ وارثن پاران احتجاج ڪيو ويو

عورت کي استعمال ڪري مختلف طريقن سان بليڪ ميل ۽ حراسان ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

سوڀوديرو(ن ع) سوڀوديرو شهر جي لطيف ڪالوني ۾ بدفعلي جو شڪار ٿيل معصوم محمد ثقلين عرف علي عباس ملاح کي انصاف ڏيارڻ ۽ سندس وارثن کي ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف ملاح برادري شهرين ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن جو تعلقه پريس ڪلب سوڀوديرو اڳيان احتجاجي مظاهرو تفصيل موجب سوڀوديرو شهر جي لطيف ڪالوني ۾ بدفعلي جو شڪار 7 سالا معصوم محمد ثقلين عرف علي عباس ملاح کي انصاف ڏيارڻ ۽ وارثن کي ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ ملندڙ موتمار ڌمڪين خلاف وارثن ۽ شهرين نعمت علي ملاح،غلام علي ملاح،ڪفايت الله شيخ،استاد لعل چند،مولانا مدد علي ملاح،غلام فريد عباسي مجاهد دربان،اسماعيل ڪنبوهه رياض حسين ملاح،نور محمد، احسان ميراڻي،محمد علي ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ تعلقه پريس ڪلب سوڀوديرو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي معصوم نينگر جي والد نعمت علي ملاح ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجي 7 سالا معصوم پٽ محمد ثقلين عرف علي عباس سان جوابدار امجد ڳوپانگ بدفعلي ڪئي جنهن خلاف سوڀوديرو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائي جوابدار گرفتار ڪرايو هاڻي جوابدار جي وارثن پاران ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ مونکي ۽ منهنجي پاڙن کي ڏوهاري قسم جي ماڻهن کان موتمار ۽ ڪوڙا الزام هڻي ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن منهنجي معصوم پٽ سان ظلم ڪيو ويو آهي ۽ عورت کي استعمال ڪري مختلف طريقن سان بليڪ ميل ۽ حراسان ڪيو پيو وڃي جيڪا سراسر نا انصافي آهي هنن چيو ته مونکي يا منهنجي پاڙن کي ڪجهه به ٿيو ته ان جا ذميوار جوابدار جا ساٿاري هوندا مظاهرين انساني حقن جي تنظيمن ۽ ٻارن جي پروٽڪشن جي تنظيمن ۽ سيشن جج خيرپور ۽ ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏيندڙ جوابدار جي ساٿارين خلاف قانوني ڪاروائي ڪري معصوم پٽ سان زيادتي ڪندڙ جوابدار امجد ڳوپانگ کي ڦاسي جي سزا ڏياري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ نئين سال جي گڏجاڻي

شاگردن جي تعليمي بهتري ۽ تدريسي معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه

نئين سال جي موقعي تي شاگردن، استادن ۽ اداري جي ڪاميابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار

گهوٽڪي(ن ع) گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج گهوٽڪي ۾ نئين سال 2026 جي موقعي تي ڪاليج جي استادن ۽ عملي جي پهرين ميٽنگ ڪاليج جي پرنسپل پروفيسر عبدالحفيظ ڏايو جي صدارت هيٺ منعقد ٿي ميٽنگ جو آغاز سينئر پروفيسر عبدالباسط انڍڙ پاران تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو جڏهن ته ميٽنگ جي ڪارروائي اسٽاف سيڪريٽري پروفيسر پرويز احمد چاچڙ هلائي ميٽنگ دوران شاگردن جي تعليمي بهتري ۽ تدريسي معاملن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون پروفيسر صاحبان تي زور ڏنو ويو ته ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ سنڌ جي مقرر ڪيل پيٽرن موجب شاگردن کي MDCAT ۽ ECAT امتحان جي تياري ڪرائي وڃي، جيئن بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن ميٽنگ ۾ شرڪت ڪندڙن هن عزم جو اظهار ڪيو ته هن قدمن سان نه رڳو شاگردن جو مستقبل روشن ٿيندو پر استاد جي پيشه ورانه ساک ۽ اداري جو وقار پڻ وڌندو آخر ۾ نئين سال جي موقعي تي شاگردن استادن ۽ اداري جي ڪاميابي ۽ ترقي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو

گهوٽڪي گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جو پرنسپل پروفيسر عبدالحفيظ ڏايو گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

ڳاڙهو پريس ڪلب جي ساليانی چونڊ ٿي گذري

ڳاڙهو(ن ع) پريس ڪلب ڳاڙهو جي 2026ع جي نئين باڊي سينئر صحافي عبدالله راڄو جي سربراهي ۾ اتفاق راءِ سان چونڊجي وئي جنهن ۾ صدر عزيز لاشاري، نائب صدر صدام سنڌي، جنرل سيڪريٽري منظور احمد عارفاني، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري جاويد علي خاصخيلي، خزانچي غلام نبي خاصخيلي، اطلاع سيڪريٽري شاهنواز راڄو ۽ آفيس [illegible]

فلسطيني جهنڊو جو لڳايو؟ والاريل ڪشمير جي ڪرڪيٽر خلاف ٻاهه ٻري وئي

سرينگر(م د) والاريل جمون ۽ ڪشمير ۾ فلسطين سان ايڪي جو اظهار ڪندڙ پيرو ٻيهر تڪرار ۽ رياستي دٻاءَ جي ور چڙهي ويو آهي. جتي هڪ مقامي ڪرڪيٽر کي ميچ دوران پنهنجي هيلميٽ تي فلسطيني جهنڊو لڳائڻ سبب پوليس طلب ڪري ورتو. جمون ۽ ڪشمير چيمپيئنز ليگ جي هڪ ميچ دوران مقامي [illegible]

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

آفيس آف ايگزيڪيوٽو انجنيئر
بيگاري ڊويزن ٺل

No. TC/G-55/07/2026 Dated: 01-01-2026

تصحيح

ايس پي پي آر اي 2010 (ترميم ٿيل 2013) جي سرڪاري قاعدن ۽ ضابطن جي تعميل ۾، اين آءِ ٽي لاءِ صحيح نمبر: TC/G-55/1651 of 2025 تاريخ 16-12-2025، ترقياتي پروگرام سال 2025-2026 تحت سيريل نمبر 1359 سان بُڪ ڪيل اي ڊي پي اسڪيم جي منصوبي لاءِ هن ريت پيش ڪيو ويو آهي:

پيڪيج نمبر/ ADP No.	ڪم جو نالو	لاڳت	ڪئٽيگري	واڪ في	مدو
01 1359/ 2025-26	تعلقو ٺل ۾ الله آباد موسيٰ برانچ سسٽم جي تعمير ۽ ضلعي جيڪب آباد جي ڳوٺ ميرپور ۽ مبارڪپور ۾ برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ هيرڊين مين ڊرين ۾ نيڪال جي سهولت فراهم ڪرڻ.	1870.269 ملين	C-A	5000 رپيا	02 سال
02 1359/ 2025-26	تعلقو جيڪب آباد کي هيرڊين مين ڊرين ۾ سريلس مينهن جي پاڻي جي نيڪال لاءِ نيڪال جي سهولت فراهم ڪرڻ جي تعمير.	2433.850 ملين	C-A	5000 رپيا	02 سال

1- اهليت:
سڀ قابليت جا معيار ساڳيا آهن.

2- لياقت:
سڀ قابليت جون گهرجون ساڳيون آهن.

تجربو:
i. خواهشمند ٺيڪيدار / فرم گذريل 10 سالن دوران گهٽ ۾ گهٽ 2 پيرا ساڳي نوعيت جي ڪم جي تعمير ۾ تجربو رکندڙ هجي.

پروڪيورمينٽ جو طريقيڪار:
i. سنگل اسٽيج ٽو اينويلپ پروڪيورمينٽ طريقيڪار (ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل).
ii. فرم جي ٽيڪنيڪل پروپوزل جي ڇنڊڇاڻ ايس پي پي آر اي رول تحت مقرر وقت اندر ڪئي ويندي.

واڪ / ٽينڊر دستاويز:
i. اجراءَ:
a. دستاويز هن اشتهار جي اشاعت واري تاريخ کان 5000 رپين (ناقابل واپسي) جي ادائگي ڪرڻ تي جاري ڪيا ويندا يا ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا ۽ سرڪاري في طور ايگزيڪيوٽو انجنيئر بيگاري ڊويزن ٺل جي حق ۾ پي آرڊر سان گڏ جمع ڪرايا وڃن.
b. سمورن واڪن سان لازمي طور واڪ رقم جي 3 سيڪڙو واڪ سيڪيورٽي ڊپازٽ ايٽ ڪال جي صورت ۾ پاڪستان جي شيڊيولڊ بينڪ مان بحق ايگزيڪيوٽو انجنيئر بيگاري ڊويزن ٺل شامل هجي.

ii. ريشيڊيول ڪيل وقت هيٺين ريت آهي:

جاري ڪرڻ جي تاريخ	جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت	
23-01-2026 تائين صبح 11:00 وڳي	واڪ اماڻڻ	23-01-2026 منجهند 12 وڳي
	واڪ کولڻ	23-01-2026 منجهند 01 وڳي

ٽينڊرن کي موڪل نه ملڻ جي صورت ۾ ٽينڊرن جي اجراءَ ۽ وصولي جي تاريخ هيٺين ريت هوندي:

جاري ڪرڻ جي تاريخ	جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت	
06-02-2026 تائين صبح 11 وڳي	واڪ اماڻڻ	06-02-2026 منجهند 12 وڳي
	واڪ کولڻ	06-02-2026 منجهند 01 وڳي

iii. هنڌ:
اجراءَ ۽ پڇاڳاڇا آفيس آف ايگزيڪيوٽو انجنيئر بيگاري ڊويزن ٺل ۾ ڪئي ويندي، جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ آفيس آف ايگزيڪيوٽو انجنيئر بيگاري ڊويزن ٺل ۾ سمورن واڪ ڏيندڙن يا سندن مجاز ايجنٽن / نمائندن جي روبرو ڪيو ويندو.

iv. ڪم جي نان شيڊيول آئٽمز تي پريميئم جي اجازت نه هوندي.
v. رقم ۾ واڌ جي اجازت نه هوندي.
vi. شرطيه واڪ منظور نه ڪيا ويندا.
vii. اڳهن ۾ ڪابه غلطي يا تبديلي ريٽ 2024 جي تازن شيڊيول مطابق ڪئي ويندي.
viii. مالي صلاحيت ڏيکاريندڙ بينڪ اسٽيٽمينٽ گهٽ ۾ گهٽ 2000.000 ملين رپيا گذريل پنجن سالن لاءِ.
ix. شرڪت ڪندڙ ٺيڪيدار / فرم کي سائيٽ گهرجن مطابق مڪينيڪل طريقي ۽ مينيوئل طريقي سان ماس ارٿ/ اسٽون ورڪ سرانجام ڏيڻو پوندو.
x. شرڪت ڪندڙ ٺيڪيدار / فرم وٽ لاڳاپيل ڪم ۾ مهارت رکندڙ پيشه ور انجنيئرز / عملي سميت مناسب مشينري موجود هجي.

(معظم علي لوهار)
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
بيگاري ڊويزن ٺل

INF/KRY.No.0020/2026

WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

حكمرانن جي غلط پاليسين سبب ملڪ جي معيشت جو جنازو نڪري ويو آهي: شاهد خاقان عباسي

سنڌ، پنجاب، ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان جون حالتون خراب آهن، 18 ترميم بعد صوبن کي ملهيل اختيار ۽ وسيلن مان فرق ڪٽي

سنڌ جون حالتون تمام گهڻيون خراب آهن، صحت، تعليم ۽ روڊ رستا تباهه حال بڻيل آهن: منفتاح اسماعيل

وفاق ڏوهاڙن سنڌ کي 35 ارب روپيا ملي ٿا، پوءِ به سنڌ جي حالت بدتر آهي، ملڪ سڀ سنڌ جو عوام آهي ۽ پ پ ۽ نواڻيڪ گاڏ نجات حاصل ڪري

ڈار (زيورٽ): اجمال اختر سيمن ڏڪي ۽ عوام پاڪستان پارٽي جي ڪنوينر ۽ آڪٽوبر وزيراعظم شاهد خاقان عباسي عمار شاڪي هال جي انتخابي تقريب دوران عباسي سيڙ

ڏنڊوالهياڙ: امير الموٽين حضرت علي عبر عي ولادت جي موقعي تي ڪڍل ريلي ڏسي رهيا آهن

ڊرائيور ڪارونجهر جي ڪنٽينر کي ڪراس ڪري ويو، 39 ڏينهن کان بند روڊ بحال

ڪارونجهر سڃاڻ فورس جي آپريشن ڪمپني ڪاميابي سان بحال ڪرائي

ڪارونجهر جي ڪنٽينر ڊرائيور جو ڪٽيل هٿ ڏيکاري رهيو آهي

ٽنڊوالهياڙ (نامياري نمائندو)